






# گھاون مٿان گل

شاعري

## زاهد شيخ

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”گهاون مٿان گُل“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب نامياري شاعر ۽ راڳي **زاهد شيخ** جي واين جو مجموعو آهي. ستار سروهي لکي ٿو:

”زاهد جي واين ۾ هڪ ئي وقت انقلاب، مزاحمت، رومانويت توڙي تصوف جون جهلڪيون پسي سگهجن ٿيون هن جي واين ۾ ظلمتن سان پريل ڪارين راتين سان وڙهڻ ۽ انهن کي شڪست ڏيڻ جو فلسفو بہ آهي تہ موڳيءَ ماٺ کي ٽوڙڻ جو اعلان پڻ آهي. هي پنهنجي ذات سان اُماس راتين ۾ اُميدن جا ڏيئا جلائيندي نظر اچي ٿو. گگهہ اونداهين ۾ روشنيءَ جي لاٽ آهن هن جون وايون لاکيٽي لطيف، شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ جيان زاهد شيخ جي شاعريءَ جو بہ هڪ مڪمل سماجي ڪارج موجود آهي. زاهد اسانجي مزاحمتي ۽ رومانوي شاعريءَ جي مورچي جو دودو ۽ دولهہ دريا خان آهي. جيڪو پنهنجي سٿ سٿ سان ظالم قوتن جي خلاف وڙهڻ جي سگهہ رکي ٿو.“

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1995ع ۾ ڇپيو جڏهن تہ ڪتاب جو ٽيون ڇاپو 2019ع ۾ **نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ، ڪراچي** پاران ڇاپيو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري **زاهد شيخ** جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





## ارپنا

پيار وارن جي نانءِ

**زاهد شيخ**

گهاون مٿان گل
شاعري
زاهد شيخ
انگ: هڪ هزار
ڇاپو ٽيون: سيپٽمبر 2019ع
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
سي-4، سچل ڳوٺ گلشن اقبال ڪراچي
Ph: 021_332624153, 34690389
Cell # 0333_2311582
**مُلهہ: 200 رپيا**

# ماٽ چڱي ناهي مٺا

***شاعريءَ*** لاءِ ذات گهرجي ٿي پر ذات جي پيٽ پالڻ لاءِ ذهن، ضمير، مستقل مزاجي، سچ ۽ سچائيءَ جي اها ولوڙ گهرجي ٿي جيڪا گهوٽ بلاول وانگر گهاڻي ۾ پيڙهجڻ کي ترجيح ڏئي مرڻ گهڙيءَ تائين رت هاڻين اکين سان پنهنجي ڌرتيءَ کي پَسندي ڪرب ۽ عذاب ۾ به چپن تي اطمينان جي مسڪراهٽ سجائي رکي، ان اميد سان ته منهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسي هڪ ڏينهن ضرور سرخرو ٿيندا. جنهن شاعر جي شاعريءَ ۾ ڌرتي ۽ ڌرتي ڌڻين جي پيڙا، درد، بک، بدحالي، سياسي ۽ معاشي ڦرلٽ سان گڏ هڙني سماجي براين جي نه صرف اپٽار ٿيل هجي پر انهن جي علاج لاءِ ڏس پڻ ڏنل هجن ته اهو شاعر ۽ سندس شاعري صدين تائين نه صرف ان جي پنهنجي مظلوم قوم بلڪي دنيا جي سمورين مظلوم قومن جي لاءِ راهه نجات جي هڪ اهڙي سريلي للڪار بڻجي پوي ٿي جيڪا ظالم قوتن جي همتن کي ته پسپا ڪري ئي ڪري ٿي پر ان سان گڏ سندس پنهنجي قوم لاءِ هڪ ڪراماتي قوت کان گهٽ ڪونه هجي ٿي. اهڙو شاعر دعائن وانگر ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ دلين ۾ دائمي طور زنده رهي ٿو ۽ پيار جي پيچري تي سِرَ جي بازي لڳائي ڪڏندڙ الهڙ جوانين جو امين پڻ رهي ٿو. تاريخ گواهه آهي ته اهڙا شاعر ڪڏهن به مرندا ناهن ۽ هر دور جي فرعون، يزيد، هٽلر، مسوليني، موديءَ ۽ ضياءَ جهڙن جابرن ۽ آمرن لاءِ اهڙي للڪار بڻجندا آهن جيڪا سندن محلن جا نه صرف ڪنگرا لوڏائي ڇڏيندي آهي پر سندن ننڊون به حرام ڪري ڇڏيندي آهي. زاهد شيخ به سنڌ ڌرتيءَ جو هڪ اهڙوئي قومي عوامي انقلابي شاعر آهي جنهن پنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌ جي دردن جا داستان لکيا آهن. مان اهو چوڻ ۾ ڪوبه وڏائُ نٿو سمجهان ته زاهد سائينءَ جي شاعري ايندڙ سمورين صدين جي لاءِ موجوده سنڌ جي هڪ نظميه تاريخ آهي.

زاهد شيخ، "شاهه لڏائيءَ" جي مٽيءَ جي خمير، جنهن جو پنهنجي ڳوٺ جي "چاندبو کوهه" ۾ اڄ به ساهه اٽڪيل آهي، جنهن جو روح اڄ به پنهنجي ڳوٺ جي ماڪي، مصري، مکڻ، ڪير، لسي ۽ جهارن کي ياد ڪري گد گد ٿئي ٿو. زاهد چاهي ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڪراچي جي پڪن روڊن ۽ روشنين سان پرنور رونقن جو ڪوڏيو ڇو نه رهيو هجي پر هن جو مَنُ اڄ به پنهنجي ڳوٺ "مَاهي خان شيخ" جي ڏڳن، ٻنن ۽ چارن تي چاندوڪي راتين ۾ ڪيل رولاڪين کي ساري ٿو ۽ ان کي وَرَ وَرَ ڏسڻ پَسڻ ۽ ان جي هنج ۾ سمائجڻ جي تمنا رکي ٿو...

هن ڪتاب جي وائين کي مون چئن موضوعن ۾ ورهايو آهي. جيڪي هي آهن.

انقلاب ـ عشق ـ درد ـ تصوف

## انقلاب

جڏهن قومن جي مٿان ڏکيا ڏينهن ايندا آهن ته غاصب ۽ دشمن قوتون سندن جيئڻ جي هر وسيلي مٿان راڪاس بڻجي لامارا ڏينديون آهن ۽ انهن جو پهريون ڪم اهو ئي هوندو





آهي ته هو ان قوم جي عقل، شعور ۽ سياسي سگهه کي يا ته ختم ڪري ڇڏين يا ڪمزور ڪري پنهنجن ناپاڪ ارادن جي پيرن هيٺان چيپاٽي ڇڏين. اهڙين حالتن ۾ ان ڌرتيءَ جا ذات ڏٽي پنهنجي عقل ۽ شعور کي ڌرتيءَ جي وفا سان جوڙي سياسي سگهه کي وڌائڻ لاءِ ڏينهن رات سوچيندا ۽ لوچيندا آهن ۽ انهن جو قلم پوءِ اهڙي سوچ کي جنم ڏيندو آهي جيڪو ڦورو ۽ غاصب قوتن جا سمورا وچايل ڄار ۽ چالون ناڪم بڻائيندو آهي. اهڙين ئي حالتن ۾ زاهد پنهنجي قوم ۽ قومي غيرت کي بچائيندي چوي ٿو: ڏينهن کي چوان رات،

منهنجي دل نه ٿي مڃي.....<br>
مَارِي مون کي ٿو چوي، "موت ۾ آهي مات"،<br>
منهنجي دل نه ٿي مڃي.....

ٻئي پاسي بظاهر زنده ماڻهن کي جيڪي صرف پنهنجي ذات جي دائرن ۾ جيئن ٿا تن کي پنهنجي قومي پريت ۽ سياسي سمجهه سان سلهاڙڻ لاءِ زاهد چوي ٿو:

زنده ماڻهوءَ لاءِ،<br>
ماٽ چڱي ناهي مٺا.....<br>
جرڪي پئُه اهڙو پرين، هيرَن کي هيساءِ،<br>
ماٽ چڱي ناهي مٺا....<br>
جيون جي لئِہ جوڙڪا، جنت جهڙي جاءِ،<br>
ماٽ چڱي ناهي مٺا......

هيٺين شعر ۾ به ڳالهه ساڳئي آ پر هتي سندس انداز بدليل آهي ۽ ان انداز ۾ زاهد جي لفظن جي ڪاريگري ڪمال جي آهي ۽ ڪيس پنهنجي قوم ۾ اڻ ڏٺل بيمارين جي چنتا آهي جيڪي ڪنهن وڻ ويڙهيءَ وانگر سندس ماروئڙن جي سوچن ۽ شعور کي وڪوڙي ويون آهن. شاعر جي شعوري سگهه ۽ عقابي نظر کين هدايت ڪندي چوي ٿي:

موڳو ڇو آهين؟ او منهنجا سائين،<br>
مار نياڳيءَ ماٺ کي......<br>
ڳچيءَ ۾ پايو وتين، ڳٽ نه ٿو لاهين،<br>
مار نياڳيءَ ماٺ کي......<br>
ماڻهو ماٺِ ڪري ڇڏين، جي تون ڳالهائين،<br>
مار نياڳيءَ ماٺ کي.....

نااميدي ۽ مايوسي اڏوهي وانگر آهن جيڪي قومن کي اندران ئي اندران کائي وڃهن ٿيون، جنهن سبب انهن ۾ اجتماعي سوچ ۽ لوچ ختم ٿي وڃي ٿي، انهن منجهه پنهنجن حقن جي حاصلات لاءِ ويڙهه جو جذبو مانو ٿي وڃي ٿو اهي پنهنجي قومي سگهه ۽ قوت کان بيخبر ٿي پون ٿا، سُستي، ڪاهلي، ڌارين قوتن جو غلبو سندن وجود جي لاءِ خطري جو سبب بڻجي پوي ٿو. اهڙين هالتن ۾ همت وڌائڻ، مُڙس ٿي پنهنجي ڌرتيءَ جي مالڪي ڪرڻ ۽ قومي شعور کي اجاگر ڪندي انهن ۾ نئين روح ڦوڪڻ لاءِ زاهد چوي ٿو:

ٻرندا جلندڙ جهير، گهلندي تتڙي هيرَ،<br>
آسَ نه اجڙي آ اڃا.....<br>
آهن يار عذاب ۾، توڙي انگ اسير،<br>
آسَ نه اجڙي آ اڃا....

هٿ رکن ٿا همتون، ناهيندا تقدير،
آسَ نہ اجڙي آ اچا.....

صرف همت ۾ ٻڌائڻ مسئلو ناهي پر ان سان گڏ جدوجهد ڪرڻ ۾ ان جي ثمر جو مزو چکڻ ڪيئن هوندو آهي ان لاءِ زاهد وري هڪ للڪار ٻڌجي چوي ٿو:

سوا ڳتي آهي،
جيڪو لوچي ٿو....
ڪو بہ ارادي جو پڪو پوئتي پيو ناهي،
جيڪو لوچي ٿو.....
پنهنجيءَ منزل کي وڃي، پاڪُر ٿو پائي،
جيڪو لوچي ٿو....
زاهد ان کي تانگهہ ٿي، ڪائي تڙپائي،
جيڪو لوچي ٿو....

وري ساڳيو جذبو هن وائيءَ ۾ هڪ نئون رنگ بخشي ٿو:

جو ڪمُ جيءُ چوي، سو ڪمُ سڀُ ڪجي،
ماتِ ڏجي رات کي.....
رهڻو آهي تہ هن ڪاڳَ جو راڻو ٿي رهجي،
ڏجي هن رات کي....

هن جاءِ تي زاهد قوم کي دشمن کان نہ صرف محتاط ڪري ٿو پر مڙس ماڻهو ٿي جيئڻ جا طريقا پڻ ڏسي ٿو:

هيرو ٿي هلجانءِ، راڻو ٿي رهجانءِ،
رهزن جا ڪيئي روپ ٿئي....
هينئڙو هر ڪنهن کي نہ ڏي، چاهت کي چئجانءِ،
رهزن جا ڪيئي روپ ٿئي....
سڀ سان پنهنجي ساهہ جي، سگهہ نہ تون سلجانءِ،
رهزن جا ڪيئي روپ ٿئي....
زاهد ڏاهي ڊوهہ کي، ٺاهوڪو نهڪجانءِ،
رهزن جا ڪيئي روپ ٿئي....

چڱي ۽ مَنَي ۾ فرق ڪيئن ڪجي، انهن جي سڃاڻپ لاءِ کهڙي اک رکجي، انهن جي تر ڪتالن کي ڪيئن پڪڙجي غيرتمند ۽ مڙس ماڻهو ڪيئن ٿجي ان لاءِ زاهد چوي ٿو:

سچيون ڪين سُڻن، ڪوڙيون ويناڪن.
جهڙا ماڻهو تهڙيون ڳالهيون....
ڪي ڳالهائن ڳُڙ منو ڪي ٿا زهر ڏين،
جهڙا ماڻهو تهڙيون ڳالهيون....
ڪن وٽ لفظ ڪمال جا، ڪي بينا پنئوڪن
جهڙا ماڻهو تهڙيون ڳالهيون....
سنڌ لڄائي آ سڄي، هر پاسي لوگهن،
جهڙا ماڻهو تهڙيون ڳالهيون....



ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ هن دنيا جي سموري ترقيءَ جو راز انسان جي اڻٿڪ ۽ بي لوث محنتن جو نتيجو آهي ۽ جن قومن مستقل مزاجيءَ سان سالن جا سال بلڪہ صديون جون صديون پنهنجي اجتماعي ترقيءَ لاءِ جاکوڙ ڪئي تن قومن ئي منزل ماڻي آهي. اڄ اهي قومون نہ صرف پنهنجي ڌرتي بلڪہ دنيا جي ٻين قومن لاءِ پڻ هڪ ساهس ۽ اتساهہ جو سبب آهن. زاهد اهڙين ئي اڻٿڪ محنتن جو درس ڏيندي چئي ٿو:

راتين جون باتيون، تنهن ڄاڻوءَ ڄاتيون،
جيڪو جاڳيو آ پرين....
آڙهہ مان ان کي مليون، ڏاهَپ جون ڏاتيون،
جيڪو جاڳيو آ پرين....
ان جي لئہ قاتل ڪنيون، مقتل ۾ ڪاتيون،
جيڪو جاڳيو آ پرين....
زاهد بنجر ٻونءِ کي، ڏيندو برساتيون،
جيڪو جاڳيو آ پرين....

پنهنجي ذات جي خول مان نڪري، جڏهن ان قوم جا جوان پنهنجي اجتماعي حساب ڪتاب چُڪتو ڪرڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيندا آهن تہ سندن جي ويڙهہ جو انداز ئي نرالو هوندو آهي، انهن جون حڪمتِ عمليون ڏندين آڱريون ڏئي ڇڏينديون آهن ۽ اهي دنيا لاءِ هڪ مثال بڻجي پوندا آهن. زاهد نہ صرف اهڙين ڪيترين ئي تاريخي حڪمتِ عملين کان واقف آهي پر انهن سمورين حڪمتِ عملين کي هڪ ڪامياب اوزار وانگر استعمال ڪرڻ جا ڏَس پڻ ڏئي ٿو:

ڪالهہ ڪلاچيءَ ڪُن ۾، مَڇُ هيو مڇريو،
مانگر ماريو مورڙي..
هيڻو ماڻهو ڏاڍِ سان، ٿَلَ ڪٽي ٿَڪريو،
مانگر ماريو مورڙي.

**عشق**

عشق لفظ جو ڳانڍاپو انسان جي هر احساس سان آهي. عشق ڪامياب آ تہ سمورو جهان بہ جهومندڙ ۽ خوش ٿو لڳي، عشق ناڪام آ تہ زندگي بہ زهر ٿي لڳي، جي عشق چيچ ٿو پڪڙي تہ آڳ جا شعلا ۽ پيپڙ بہ تپش وڃائي ٿڌيءَ هير جا احساس ٿا ڏيارين ۽ جي عشق چيچ ٿو ڇڏي تہ جنت جهڙي زندگي بہ دوزخ جو پرَتَو ٿي بڻجي پوي. عشق هڪ پاسي زندگي آهي تہ ٻئي پاسي موت جهڙو احساس، عشق هڪ پاسي حاصلات جي سمورين لذتن جو امرت آهي تہ ٻئي پاسي وِهُہ جو اهو وٽو جنهن جي پيئڻ ڪانپوءِ دنيا جو هر ترياق بہ بيڪار ٿيو پوي، عشق جڏهن ڪنهن اَلهڙ جوانيءَ کي پنهنجي جهپيٽ ۾ وٺي ٿو تہ شيخ اياز چواڻي اهو هڪ اهڙو عقاب بڻجي پوي ٿو جيڪو ڏاڍو ڏور اڏاري ماري ٿو. بيدرديءَ سان ڪنپ ڪنپ ويهي پٽي ٿو ذات، پات، مذهب ۽ عقيدن جي چوغي کي لاهي ڦٽو ڪري ٿو. عشق جو ڪم ئي روح کي راحت بخشڻ يا رولائي ڌوڙ ڪرڻ آهي. اهڙن ئي گاڏڙ ساڏڙ احساسن سان پُر زاهد چئي ٿو:

چوريءَ چوريءَ ڪا، مون کي چاهيندي،
مون سوچيو ئي ڪو نہ هو....
ڪونج ڪائي اڏري اچي، هُجَ هلائيندي،
مون سوچيو ئي ڪو نہ هو....

هوءَ منهنجي سيني مٿان، وار وڇائيندي،
مون سوچيو ئي ڪو نہ هو.....

محبت کي محبت جي ضرورت هوندي آهي پر ڪڏهن جيڪا محبت اسان کي ملندي آهي ان جي بدلي اسان ان محبت کي سمورن حدن کان اورانگهي چاهيندا آهيون، جي ايئن نہ ڪيون تہ اسان جي مَنَ کي سُڪون ۽ شانتي ئي نہ ملي. اهڙن عاشقن جا احساس هميشہ عام لوڪ کان نرالا هوندا آهن. زاهد شيخ عشق ۽ اهڙن احساسن کي سُندر لفظن ۾ هيئن بيان ڪري ٿو: ڇئوٽي چاهت سان، تنهنجي چاهت کي،

جاءِ ڏني ٿم جيءَ ۾.....
سانديم تنهنجي ڳالهہ ائين، جَڻُ ڪنهن آيت کي،
جاءِ ڏني ٿم جيءَ ۾....

جيڪڏهن محبوب مهربان ٿي پئي تہ ايئن محسوس ٿيندو آهي جڻ رُڳهَہ جهڙين هالتن ۾ سانوڻ ٻڪين پئجي وڃي، هر طرف کان چوماسي جون هوائون گُهلي پون ۽ پَلَر پالوت ٿي پئي. اهڙن احساسن کي صرف شاعر ئي بيان ڪري سگهن ٿا ۽ زاهد اهڙن ڪومل احساسن جو سچو پچو ترجمان آهي، هي پڙهو ۽ پاڻ فيصلو ڪيو:

تنهنجو ترسائڻ، راتيون رهائڻ،
مون کان وسري ئي نہ ٿو...
پهرين پهرين ڏينهن تي، چرڪڻ شرمائڻ،
مون کان وسري ئي نہ ٿو...
ساري ساري رات جو، جاڳڻ جاڳائڻ،
مون کان وسري ئي نہ ٿو...

عشق ۽ پيار ۾ موسم هميشہ هڪجهڙو ناهي رهندو، ان جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا پر منهنجي نظر ۾ ان جو هڪ وڏو سبب انسان جي تبديل ٿيندڙ فطرت آهي. نفسيات جي علم انسان جي اهڙن روين تي تمام گهڻي تحقيق ڪئي آهي ۽ انساني نفسيات جي اهڙن پهلوئن تي اڪيچار ڪتاب لکيا آهن، پر گهٽ شاعرن بہ ناهي ڪئي انهن جا ويچار بہ ڪمال جا رهيا آهن. هڪ هجي شاعر سو بہ زاهد جهڙو تہ ان جي عقابي نظر انسان جي اهڙن روين ۽ رَوشُن کي ڪيئن ٿي ڏسي ان جا ڪجهہ مثال هي آهن:

نير سُڪائي وئي،
هِيَر پرينءَ جي پار جي....
مرهم زخمن جي مٿان، رات لڳائي وئي،
هِيَر پرينءَ جي پار جي....
راحت ڏئي روح کي، رتُ وڌائي وئي،
هِيَر پرينءَ جي پار جي....

جڏهن ڪو انسان بيوفائيءَ جي آڙاهہ ۾ جلندو آهي تہ ان وقت ان جون سموريون ڪيفيتون بيوسي جي انتها تي پهچي وڃيون آهن، هن جي طبيعت ۾ حساسيت اعليٰ درجي تي پهچي ويندي آهي ۽ ان کي پنهنجي محبوب سان گهاريل سڀ گهڙيون يادن جي صورت ۾ صرف گهاءَ ئي ڏينديون آهن. محبوب جي اهڙي بيوفائيءَ تي زاهد بي اختيار چئي ڏئي ٿو:

دل وٺي دلبر،



ڏاڍا ڏک ڏئي وئين....
مون لئہ بند ڪري ڇڏيئہ، پنهنجي گهر جا دَرَ
ڏاڍا ڏک ڏئي وئين....
زاهد جي هر آسَ تي، اُڇليا تو اَگَرِ،
ڏاڍا ڏک ڏئي وئين....

شل نہ ڪنهن سان مُومَل جهڙي ٿئي، هڪ غلطي سموري زندگيءَ جو روڳ بڻجي پوندي آهي ۽ شل نہ ڪنهن جو محبوب راڻي جهڙو ٿي پوي جيئري ئي جڻ چِتَا چاڙهي ڇڏيندو آهي. پل پل انتظار، ايذاءُ ۽ پوڳنا جي بلي ٿي پوندو آهي. هئي هئي چا تہ زاهد هن وائيءَ ۾ اهڙن احساسن جي نقشبندي ڪئي آهي:

مومل جي مَنَ کي،
راڻا رنجائي وئين...
اَياڻا اڌ واٽ ۾، ويٺين منهن مٽي،
راڻا رنجائي وئين...
ڪانگ اڏاري ڪاڪ تان، ٻيٺي سِڪَ سڏي،
راڻا رنجائي وئين...

محبت ۾ آس ۽ اميد جيئڻ جو سبب هوندي آهي پر جي اها آس ۽ اميد جيون جرڪائي وجهي تہ پيو چا ڪجي. اهڙن احساسن کي سمجهڻ لاءِ اڳلي جو سمجهو هجڻ بہ ضروري آهي ۽ انهن اميدن کي مان ڏيڻ لاءِ زاهد تڙپي اٿي ٿو ۽ هُجَ ڪندي فرياد ڪري ٿو:

ڇڏي جا روڪي، منهنجن لڙڪن کي.
مون کي اهڙي مُرڪ ڏي...
جنهن سان گُل ٽڙي پون، سُڱل چپن تي،
مون کي اهڙي مُرڪ ڏي...
جنهن مان نڪرن ٿا سوين، رستا ٿڪن ڏي،
مون کي اهڙي مُرڪ ڏي...
زاهد گهايل جيئڙو جهومي پئي جنهن تي،
مون کي اهڙي مُرڪ ڏي...

وڇوڙو ماري ٿو، ڳاري ٿو، ڳيا ڳيا ڪري ٿو، چير ۽ چهڪ ڏئي لوڻ پُرڪي ٿو، رڻ ۾ رلائي غارت ڪري ٿو، اهڙا وَڍَ ڏئي ٿو جو زاهد شيخ جهڙي شاعر کي بہ بي اختيار چوڻو پوي ٿو:

پيار ڪنهن کي ڏئي، ڏار ناهي ڪبو،
ٽورڙو سوچ تون....
غير کي ڳچيءَ جو، هار ناهي ڪبو،
ٽورڙو سوچ تون....
پاڻ کي ڪنهن مٿان، بارُ ناهي ڪبو،
ٽورڙو سوچ تون....
ڪنهن مٿل جي مٿا، وارُ ناهي ڪبو،
ٽورڙو سوچ تون....

محبوب سان گذاريل خوبصورت وقت جڏهن ماضيءَ جي چادر اوڙهي ياد بڻجي پوندو

آهي تہ دراصل اها صرف ياد نہ هوندي آهي پر زندگيءَ لاءِ جيئڻ ۽ مُرڪڻ جو سبب بڻجي پوندي آهي. اهڙيون خوبصورت يادون هڪ اهڙي مرهم بڻجي پونديون آهن جيڪا گهري زخم کي بہ ٺيڪ ڪرڻ ۾ ويرم ناهي لڳائيندي. تڏهن تہ زاهد محبوب کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

گڏ گذاريل گهڙيون،
تون وسارين مٺان....
منهنجي دل کي هٽي، قرب واريون ڪڙيون،
تون وسارين مٺان....
پيار جون لذتون، منڙيون مصريءَ ٻڙيون،
تون وسارين مٺان....
روح زاهد سندو، تنهنجي پويان رڙيون،
تون وسارين مٺان....

وقت جو قدر جن نہ ڪيو تن سڀ ڪجهہ وڃايو تنهن ڪري تہ چوندا آهن تہ وقت وڏو بادشاهہ. پيار جيڪڏهن محتاج آهي تہ وقت جو آهي ۽ جي وقت تي اظهار نہ ٿيو تہ پيار اڻپورو ۽ اڌورو رهجي ويندو. جيڪڏهن وقت تي پيار جي پودي کي پاڻي نہ مليو تہ اهو مرجهائجي ويندو. پيار ۽ وقت جي ان اهميت کي زاهد واهہ جو بيان ڪيو آهي:

پريت ۾، پيار ۾،
دير ناهي ڪبي.....
دلربا جي اڳيان، دل جي اظهار ۾،
دير ناهي ڪبي.....
جيڪڏهن دل چوي، صاف انڪار ۾،
دير ناهي ڪبي.....
وقت زاهد چوي، وارُ ڪري وارَ ۾،
دير ناهي ڪبي.....

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ڪنهن جي اچڻ سان يا ڪنهن جي هجڻ سان زندگي ئي بدلجي پوندي آهي. بي رونق لمحا رونقون بخشي وجهندا آهن. بي معنيٰ زندگيءَ کي معنيٰ ملي پوندي آهي ۽ پوءِ من جهومي اٿندو آهي ۽ زاهد چواڻي هيئن ٿي پوندو آهي:

ڀاڳ جاڳي پون،
جيڪڏهن تون اچين....
دل جي اميد ڏي، آسرا ڪي اچن،
جيڪڏهن تون اچين....
تنهنجي هڪ ديد سان، درد گهٽجي پون،
جيڪڏهن تون اچين....
هيل سندر سيئي، منهنجون شامون ٿين،
جيڪڏهن تون اچين....
من جي تصوير ۾، رنگ زاهد رچن،
جيڪڏهن تون اچين....



**درد**

خوشين جا لمحا ڀاڦ بڻجي اڏامي ويندا آهن جڏهن تہ درد جو هڪ لمحو بہ زندگي ڀر جو روڳ بڻجي پوندو آهي، درد سان ڀُر هڪڙي ياد بہ ڪنهن ناسُور کان گهٽ ناهي هوندي ۽ جيڪڏهن اهو درد ڪنهن دل گهرئي دلداد جي طرفان پَلَئہ پيو هجي تہ ان جي شدت تہ وڌي ويندي آهي. جهوليءَ ورتل اهڙن ئي سُورن جي پچار زاهد وٽ بہ آهي:

ڪنهن ڪنهن ڏُک ڏنا، کهڙا ۽ ڪيڏا،
وسريا ڪين وجود کان.....
جيڏا گل ڏنا هيم، گهَاوَ مليا تيڏا،
وسريا ڪين وجود کان.....
ٻاٽيٽي کان هاڳرا، صدما سورَن جا،
وسريا ڪين وجود کان.....
دل مٿان زاهد ڪريا، درد جبل جيڏا،
وسريا ڪين وجود کان.....

درد ۽ بي وسي ٻئي هڪٻئي لاءِ ڄڻ تہ لازم ملزوم آهن، اهڙين حالتن ۾ انسان کي ڏَڍَ ۽ اميدن جي دامن جي ضرورت هوندي آهي جيڪا ڪيس پار پهچائي. اهڙين حالتن ۾ شاعر جي حساسيت آس ۽ خواهشن جو اپٽار بڻجي پوندي آهي جيئن زاهد چئي ٿو:

سارن ٻِلڙن تان، پنهنجن هٿڙن سان،
جيڪر لُڙڪ اگهي سگهان....
سُڏڪا دنيا جا سُٽي، سوچيندو آهيان،
جيڪر لُڙڪ اگهي سگهان....
جيڪي اميدون ڏين، اهڙا گيت لکان،
جيڪر لُڙڪ اگهي سگهان....
زاهد انهيءَ آسَ تي، جَڳ ۾ ٿو جيئان،
جيڪر لُڙڪ اگهي سگهان....

آخر ۾ صرف ايترو تہ سنڌ اندر شاعريءَ جي دنيا ۾ زاهد جي هڪ الڳ ۽ منفرد سڃاڻپ آهي، تنهنڪري زاهد کي پنهنجي ان سڃاڻپ کي برقرار رکڻ لاءِ اڃا بہ وڌي محنت ۽ جاکوڙ ڪرڻ جي ضرورت آهي. زاهد جي شاعريءَ کي راڳ جو لباس اوڍائي هڪ دفعو ٻيهر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلائڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ جديديت جو رنگ شامل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ان جو اهو مطلب قطعي نہ آهي تہ زاهد کي پنهنجي شاعريءَ يا شخصيت تي ڪمرشلزم جو ٺپو لڳائڻ گهرجي، جي ائين ٿيو تہ اهو زاهد جي شخصيت، شاعري ۽ سڃاڻپ لاءِ هڪ وڏو خطرو هوندو. مان اها اميد رکان ٿو تہ زاهد شيخ جو آواز ۽ ان جي شاعري هڪ دفعو ٻيهر سنڌ اندر ائين گونجي اٿندا جيئن رُڃ ۾ ڪنهن مور جي ڪُوڪَ. شال زاهد اڃا وڏيڪ ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون ماڻي...

**سجاد گهلو**

شڪارپور سنڌ

20_08_2019

توکي پوڇيان ٿو- مون کي پاليو ٿو،
شاهہ لُڏاٽيءَ جي مِٽي.

ڏِئُئي مون کي ڏيهہ ۾، جيئڻ لاءِ اَجھو،
شاهہ لُڏاٽيءَ جي مِٽي.

توسان منھنجي پيارَ جو ليکو ڪونھي ڪو،
شاهہ لُڏاٽيءَ جي مِٽي.

توڙي مان توکان پَري- تہ بہ آهيان تُنھنجو،
شاهہ لُڏاٽيءَ جي مِٽي.
ساري جڳ سان پيار آ تُنھنجي "زاهد" جو،
شاهہ لُڏاٽيءَ جي مِٽي.
شاهہ لُڏاٽيءَ جي مِٽي.

---

(شاهہ لُڏاٽي اُن علائقي جو نالو آ، جتي منھنجو پيدائشي ڳوٺ ماهي خان شيخ آهي.)



مون کي ساري ٿو چَنڊُ پُڪاري ٿو،
اَڄُ بہ چانڊِو ڪوهہ تي.

روز نماڻيءَ سونھن جو نينھن نِھاري ٿو،
اَڄُ بہ چانڊِو ڪوهہ تي.

سانوڻ ڪائي سانوري، ياد ڏياري ٿو،
اَڄُ بہ چانڊِو ڪوهہ تي.

ڪوئي سپنن ۾ گھڙيون، مون سان گھاري ٿو،
اَڄُ بہ چانڊِو ڪوهہ تي.

"زاهد" هينئڙو ياد جا، ڏيئا ٻاري ٿو،
اَڄُ بہ چانڊِو ڪوهہ تي.
اَڄُ بہ چانڊِو ڪوهہ تي.

---

("چانڊِو ڪوهُہ" منھنجي ڳوٺ جي ٻاهران، هڪ ڪوهہ جو نالو آهي.)

ڪيڏا موچارا، پر مون کي پيارا،
ماٺھو ڳوٺاڻا مِٺا.

ماڪيون، مِصريون ۽ مکڻَ، کيرَ، لَسيون جھارا،
ماٺھو ڳوٺاڻا مِٺا.

چاھت جون چانڊوڪيون، ڏڳَ، ٻنا، چارا،
ماٺھو ڳوٺاڻا مِٺا.

سُنا سپ سباجھڙا، سُھڻا سوڀارا،
ماٺھو ڳوٺاڻا مِٺا.

ھَرُ ھَٿين، ڪوڏَر ڪُلھي- ٻِجَ، ٻَنيون، ٻارا،
ماٺھو ڳوٺاڻا مِٺا.
ماٺھو ڳوٺاڻا مِٺا.

❋❋❋



جَلوي، تي جَذبو- شاعر جي دل جو،
چاھُه نہ ڄاڻين تون چَريا.

نِرڄا توکي سونھن جو- ناھي نينھُن لَڳو،
چاھُه نہ ڄاڻين تون چَريا.

تون ڇا آھين؟ پاڻ لئہ- تو نہ ڪڏھن سوچيو،
چاھُه نہ ڄاڻين تون چَريا.

جوڙيو ڪنھن جي، جيءَ ۾- اٿئي ڪو نہ اَجھو،
چاھُه نہ ڄاڻين تون چَريا.

سُھڻو ماڻھو ساھَہ ڪان- مون کي آھي مِٺو،
چاھُه نہ ڄاڻين تون چَريا.
چاھُه نہ ڄاڻين تون چَريا.

❋❋❋

ٿرُ ٿي ويو ٿُڌڪار،
مينهوڳيءَ جي مُندَ ۾.

وَريو واءُ سُڪار جو، ٽريو ڏيهَه ڏُڪار،
مينهوڳيءَ جي مُندَ ۾.

سَرها ٿي ويا ساهڙا، مليو مَنَ کي ٺار،
مينهوڳيءَ جي مُندَ ۾.

مارُن ڳايو مُرڪندي، منٺڙو راڳُ مَلهار،
مينهوڳيءَ جي مُندَ ۾.

زاهد پِياسَن لاءِ آ، پاڻي پالڻهار،
مينهوڳيءَ جي مُندَ ۾.
مينهوڳيءَ جي مُندَ ۾.

❊❊❊



سَڪَ ۾ سِرَ گهوريو،
سونهَن نه توريو سونَ ۾.

مومل آهي ڪاڪ ۾، ڏسڻَ لئه ڏوريو،
سونهَن نه توريو سونَ ۾.

آڙَهُه ٻاري، عشق جو، اَندر جون اوريون،
سونهَن نه توريو سونَ ۾.

جَن مان چاهُه مَري چُڪو، جيءَ اُهي جهوريو،
سونهَن نه توريو سونَ ۾.

“زاهد” پيرَ پِريتِ ۾، سوريءَ ڏي سوريو،
سونهَن نه توريو سونَ ۾.
سونهَن نه توريو سونَ ۾.

❊❊❊

ڏينهن ڪي چوان رات،
مُنهنجي دِل نَٿي مَڃي.

ماري مون کي ٿو چوي- "موت ۾ آهي مات"،
مُنهنجي دِل نَٿي مَڃي.

هِڪڙو پَلُ مون کان پرين- تُنهنجي وِسري تات،
مُنهنجي دِل نَٿي مَڃي.

شاعر جي دل جا ڪَڏهن- جهورُ ٿين جَذبات،
مُنهنجي دِل نَٿي مَڃي.
مُنهنجي دِل نَٿي مَڃي.

***



زنده ماڻهوءَ لاءِ،
ماڻِ چَڱي ناهي مِنا.

واڪا ويرَ نٿو ڪرين- ٿوروئي ڳالهاءِ،
ماڻِ چَڱي ناهي مِنا.

جويَن ڪي جاڳاءِ تون- جاڳائي جهوماءِ،
ماڻِ چَڱي ناهي مِنا.

جَرڪي پَٺُ اَهڙو پرين- هيرَن ڪي هيساءِ،
ماڻِ چَڱي ناهي مِنا.

جيون جي لئه جوڙ ڪا- جَنتَ جهڙي جاءِ،
ماڻِ چَڱي ناهي مِنا.

زاهد پنهنجي پيار کي، پيارن تئين پهچاءِ،
ماڻِ چَڱي ناهي مِنا.
ماڻِ چَڱي ناهي مِنا.

***

جَـــــگَ ۾ جــــيـــــئــــڻ لاءِ،
مـون کـي راهـہ مِـلـي وَئـي.

ٿُنهنجي، اَندر کان پُڇيم۔ ٿُنهنجو ٿيـڻ لاءِ،
مـون کـي راهـہ مِـلـي وَئـي.

اوسـيـئـڙا اَرپـي وئـيـنءَ۔ بَـر ۾ بـيـهَـڻ لاءِ،
مـون کـي راهـہ مِـلـي وَئـي.

تنهنجين اکڙين مان چڱي۔ چُسڪي پيئڻ لاءِ،
مـون کـي راهـہ مِـلـي وَئـي.

“زاهـد” لُـڙکـن کـي وري۔ آٿَـتِ ڏيـڻ لاءِ،
مـون کـي راهـہ مِـلـي وَئـي.
مـون کـي راهـہ مِـلـي وَئـي.

❊❊❊



مُـــنـــهـــنـــجـــا ســـائـــيـــن مـــان،
ٿُـنـهـنـجـي، لاءِ لـکـان پـيـو.

نـاتـو لائـي نـيـنـهـن جـو۔ نـنـڊ پـيـو نـاهـيـان،
ٿُـنـهـنـجـي، لاءِ لـکـان پـيـو.

هَـٿَ ڪَـڙين آڏو پـريـن۔ هَـٿُ ڪـٽـي سِـرَ تـان،
ٿُـنـهـنـجـي، لاءِ لـکـان پـيـو.

اُمـيـدُن جـي آسـري۔ ويـٺـو وَرِهَـن کـان،
ٿُـنـهـنـجـي، لاءِ لـکـان پـيـو.

زاهد کي سِنڌُ پاڻ کان، سمجهين ڏور متان.
ٿُـــنـــهـــنـــجـــي، لاءِ لـــکـــان پـــيـــو.
ٿُـنـهـنـجـي، لاءِ لـکـان پـيـو.

منهنجا گيتَ لڳائجانءِ۔ پنهنجي، سيني سان،
ٿُـنـهـنـجـي، لاءِ لـکـان پـيـو.
ٿُـنـهـنـجـي، لاءِ لـکـان پـيـو.

❊❊❊

منهنجي، گهاوَن مان،
اَجان رَتُ وَهي پَيو.
تُنهنجا لَفظ تِکا سَيئي_ ڳَڙکيا دل مٿان،
اَجان رَتُ وَهي پَيو.

مَرَهم اُکلي آ وَئي_ سارن زخمن تان،
اَجان رَتُ وَهي پَيو.

مون کي ويجَ وساريو_ آهي وَرِهَن کان،
اَجان رَتُ وَهي پَيو.

"زاهد" رُڪجي، ئي نٿو_ مُنهنجي رَڳَ رَڳَ مان،
اَجان رَتُ وَهي پَيو.
اَجان رَتُ وَهي پَيو.

❊❊❊



نيرَ سُڪائي، وَئي،
هيرَ پِرينءَ جي پارَ جي.

نيهَن نِياپي، ساڻ آ_ ياکي پائي وَئي،
هيرَ پِرينءَ جي پارَ جي.

مَرهَم زخمن جي مٿان_ رات لَڳائي وَئي،
هيرَ پِرينءَ جي پارَ جي.

راحَت ڏئي روحَ کي_ رَتُ وڏائي وئي،
هيرَ پِرينءَ جي پارَ جي.

"زاهد" مَنَ ۾ آ نئون_ رَنگُ رَچائي وَئي.
هيرَ پِرينءَ جي پارَ جي.
هيرَ پِرينءَ جي پارَ جي.

❊❊❊

مُنهنجي، مَن تي هو،
ٽُنهنجو ٽَڏڙو ڇانوِرو.

جهڙو اڳلي سال هو ـ سانوڻ هيل نہ سو،
ٽُنهنجو ٽَڏڙو ڇانوِرو.

تاڪون وِڪري مان ويس ـ جاڪون وِڇڙي ويو،
ٽُنهنجو ٽَڏڙو ڇانوِرو.

اُس وَڏي آ واٽَ ۾ ـ آڏو ڪونهي ڪو،
ٽُنهنجو ٽَڏڙو ڇانوِرو.

جيون جي رِڻَ ۾ اَجان ـ ”زاهد“ ڳولي ٿو،
ٽُنهنجو ٽَڏڙو ڇانوِرو.
ٽُنهنجو ٽَڏڙو ڇانوِرو.

❊❊❊



دِل وَٺي دِلبر،
ڏاڍا ڏُکَ ڏئي وَئين.

مون لَءِ بندِ ڪري ڇَڏيئہ ـ پنهنجي گهر جا دَرَ،
ڏاڍا ڏُکَ ڏئي وَئين.

سِڪَ سَٺون ڏي ٿي پرين ـ هينئڙي، ڪي هَر هَرَ،
ڏاڍا ڏُکَ ڏئي وَئين.

گِيت وڇوڙي، جا ٻَڌيا ـ دَردَن جا منظر،
ڏاڍا ڏُکَ ڏئي وَئين.

”زاهدَ“ جي هَر آس تي ـ اُڇليا تو اَڱَرَ،
ڏاڍا ڏُکَ ڏئي وَئين.
ڏاڍا ڏُکَ ڏئي وَئين.

❊❊❊

تُنهنجو هَر اِقرار،
توکان وسِري آ وَيو.

مون سان ڪالهہ ڪَيو هُيئي- چاهتُ جو اظهار،
توکان وسِري آ وَيو.

چَپَ سُڪي ٿَرُ ٿي ويا- راڳي راڳُ ملهار،
توکان وسِري آ وَيو.

هيل ڪرين تون چونٽي- سَرتي هار سينگار،
توکان وسِري آ وَيو.

پنهنجي "زاهد" لاءِ چو- سهٽي سوچَ ويچار،
توکان وسِري آ وَيو.
توکان وسِري آ وَيو.

***



سورَن ۾ سَرِتيون،
ڪوئي سَڏُ نَٿو سُڻي.

جهوريون مُنهنجي، جيءَ کي- پيڙِن روز پَيون،
ڪوئي سَڏُ نَٿو سُڻي.

پَلَ پَلَ جون تنهائِيون- ويڙهي هيلَ وَيون،
ڪوئي سَڏُ نَٿو سُڻي.

بي حِس ماڻهن جي اڳيان، ڪهڙي ڳالهہ ڪيون،
ڪوئي سَڏُ نَٿو سُڻي.

سوچون زاهد سنڌ لئہ، رڙنديون روز رهيون.
ڪوئي سَڏُ نَٿو سُڻي.
ڪوئي سَڏُ نَٿو سُڻي.

***

مُشڪل ۾ ڪنهن ڪي،
ڪائي ڳالِهہ نَٿي وَڻي.

جنهن جي دل ٽُٽي پَئي- دنيا ۾ تنهن ڪي،
ڪائي ڳالِهہ نَٿي وَڻي.

سوچَڻُ زنده لاش آ- جيون ۾ جنهن ڪي،
ڪائي ڳالِهہ نَٿي وَڻي.

وَهَہ وا! جي وِهُہ ڏي نہ تون- جي مُنهنجي توڪي،
ڪائي ڳالِهہ نَٿي وَڻي.

مان شاعر مظلومَ جو- ظالم جي مون ڪي،
ڪائي ڳالِهہ نَٿي وَڻي.

زاهد روئندڙ روح ڪي، ڏَڍُ نٿو ڪوڏي.
ڪائي ڳالِهہ نَٿي وَڻي.
ڪائي ڳالِهہ نَٿي وَڻي.

❊❊❊



مُنهنجي، اندرَ جي،
اَٽڪپوري هَر آسَ آ.

ڪڪريون قرب نٿيون ڳرن- اَڄُ ڪارونجهرَ جي،
اَٽڪپوري هَر آسَ آ.

روئندي نيرَ ڪُٽي پيا- هيل سمندَر جي،
اَٽڪپوري هَر آسَ آ.

سارو گهرُ ٻهڪي پيو- پر دل جي گهرَ جي،
اَٽڪپوري هَر آسَ آ.

سورَن ۾ آ زندگي- ساري ئي تر جي،
اَٽڪپوري هَر آسَ آ.

زاهد صدين ڪان رهي، سنڌ جي منظر جي-
اَٽڪپوري هَر آسَ آ.
اَٽڪپوري هَر آسَ آ.

❊❊❊

تــــو بــــن جـــيــــوَن جـــي،
هَـرڪـا شـامَ اُداس آ.

آهي مـون لـئـ هـر گـهـڙي۔ آڙَهُـ ٿـي ايـنـدي،
هَـرڪـا شـامَ اُداس آ.

روز نـئـين سِر سـاهـ ڪـي۔ سُڏڪا ڏئي ويـنـدي،
هَـرڪـا شـامَ اُداس آ.

دل ڪي بيدَرديءَ سـان۔ بـيـهـي جـهـيـريـنـدي،
هَـرڪـا شـامَ اُداس آ.

“زاهد” مُنهنجي لاءِ هوءَ۔ نيـٿ تـ سوچيـنـدي،
هَـرڪـا شـامَ اُداس آ.
هَـرڪـا شـامَ اُداس آ.

❊❊❊

ٺُـــنــــهــــنـــجـــي لـــئـــ آهـــي،
اَجـا روحُ اُپـاٽـڪـو.

منهنجو مَنُ مـون سـاڻ ئـي۔ نـٿـو ڳـالهـائـي،
اَجـا روحُ اُپـاٽـڪـو.

تو بِن ساهُـ سُـڪـونَ جـا۔ ڳـيـچَ نـٿـو ڳـائـي،
اَجـا روحُ اُپـاٽـڪـو.

ڪـائـي رات قـرار ۾۔ جـيءُ سُـتـو نـاهـي،
اَجـا روحُ اُپـاٽـڪـو.

“زاهد” هـيـنـئـڙو ٻـاجهـ لـئـ۔ بـيـنـو ٻـاڏائـي،
اَجـا روحُ اُپـاٽـڪـو.
اَجـا روحُ اُپـاٽـڪـو.

❊❊❊

مـــــومَــــــلَ جـــــي مَـــــنَ كـــــي،
راڻــا رَنـجـائـي وَئـيـن.

اَيـاڻــا اَڏَ واٽ ۾_ ويـٺـيـن مُـنـهـن مَـٿـي،
راڻــا رَنـجـائـي وَئـيـن.

ڪانگَ اُڏاري، ڪاڪ تان_ بيٺي سِڪَ سَڏي،
راڻــا رَنـجـائـي وَئـيـن.

سوڍِلَ مُنـهـنـجـي ساهَـ کـي_ ٿـورو ڏڍُ تـہ ڏي،
راڻــا رَنـجـائـي وَئـيـن.

ڳهڙو پنهنجي راڄ ۾_ ماڻُ ڪـيـان تـوتـي،
راڻــا رَنـجـائـي وَئـيـن.

زاهد جا وئين نيڻ تون_ چولين منجهہ چڏي،
راڻــا رَنـجـائـي وَئـيـن.
راڻــا رَنـجـائـي وَئـيـن.

❊❊❊



اڪـڙيون هَن آلـيـون_ آلـيـن جـون ڳـالـهـيـون،
مَنَ تـون سَـمـجـهـيـن مـيـنـڏرا.

ٿُنهنجي آئي، ڪاڪ تي_ ايـنـديـون هَريالِـيـون،
مَنَ تـون سَـمـجـهـيـن مـيـنـڏرا.

مون تنهنجي لئہ چاهتون_ وَرِهَن ڪـان پـالـيـون،
مَنَ تـون سَـمـجـهـيـن مـيـنـڏرا.

جيسين آهيون جيئرا_ جيڪرَ گڏ جالـيـون،
مَنَ تـون سَـمـجـهـيـن مـيـنـڏرا.

تويـن زاهـد ساهـ جـون، بـر ۾ بـي حـالـيـون_
مَنَ تـون سَـمـجـهـيـن مـيـنـڏرا.
مَنَ تـون سَـمـجـهـيـن مـيـنـڏرا.

❊❊❊

چَڏي جا روڪي- مُنهنجن لُڙڪن کي،
مون کي اَهڙي مُرڪَ ڏي.

جنهن سان گُلَ ٽڙي پَوَن- سُڪلَ چَپَن تي،
مون کي اَهڙي مُرڪَ ڏي.

جنهن مان نِڪرن ٿا سَوين- رَستا ٿَڪن ڏي،
مون کي اَهڙي مُرڪَ ڏي.

جنهنجي آڏو چاهَہ ۾- جُهڪي چَندُ پوي،
مون کي اَهڙي مُرڪَ ڏي.

"زاهد" گهايل جيئڙو- جهومي پَئي جنهن تي،
مون کي اَهڙي مُرڪَ ڏي.
مون کي اَهڙي مُرڪَ ڏي.

***



بَرَ ۾ بيٺل مان- اُجڙيل وَڻُ آهيان،
بڻجي آءُ بَهارَ تون.

جيءَ ۾ جيئڻ جيترو- آهي دَمُ اَجا
بڻجي آءُ بَهارَ تون.

ٽُنهنجن ٿڪن سان ملي- ڦهڪڻ ٿو چاهيان،
بڻجي آءُ بَهارَ تون.

جيڪو جيون آ بَچيو- جيئڻو آ تو سان،
بڻجي آءُ بَهارَ تون.

زاهد راتيون ڏينهنڙا- تڙپيو ٿو تڙپان
بڻجي آءُ بَهارَ تون.
بڻجي آءُ بَهارَ تون.

***

اُجڙيل جون آهون- دَردَ ڀَريون دانهون،
روڄُ ڏِين ٽِيون راڄَ کي.

آڙَهُ ٻَڻجي ٽيون اَچن- هرهر هَوائون،
روڄُ ڏِين ٽِيون راڄَ کي.

هيلَ ٻہ هَر مِسڪينَ تي- قاتل جون ڪاهون،
روڄُ ڏِين ٽِيون راڄَ کي.

آسَ گُهري ٽي آسرو- رُڃَ سَيئي راهون،
روڄُ ڏِين ٽِيون راڄَ کي.

زاهد تون نہ اُداس ٿيءُ- تنهجو پيڙائون،
روڄُ ڏِين ٽِيون راڄَ کي.
روڄُ ڏِين ٽِيون راڄَ کي.

❊❊❊



مُنهنجي لئہ مُنهنجو- ڪوئي ڪونهي ڪو،
جيئان گَنهن جي ڪاڻ مان.

هاءِ ڪري ويو هيڪلو- ڪالهہَ هِتي هو ڪو،
جيئان گَنهن جي ڪاڻ مان.

هَر دِلبرَ جي دوستي- دوکو آ دوکو،
جيئان گَنهن جي ڪاڻ مان.

جَڳَ ۾ جيئڻ لاءِ ڪو- ڏسُ تہ ڏيو لوڪو،
جيئان گَنهن جي ڪاڻ مان.

”زاهد“ آهي زندگي- ڏينهڙو اَڄوڪو،
جيئان گَنهن جي ڪاڻ مان.
جيئان گَنهن جي ڪاڻ مان.

❊❊❊

سَچَ سونهن ۾ پيارَ کي- جيءَ ۾ جاءِ ڏئي،
جيئڻ گُهرجي دوستو.

جَهڙا ۾ جيڏا مِليا- سارا سُورَ سَهي،
جيئڻ گُهرجي دوستو.

جيونَ کي جَرڪائجي- رَنگن منجهه رَهي،
جيئڻ گُهرجي دوستو.

وَيڄي آ ويندي هَلي- ويهَڻي ناهي وَهي،
جيئڻ گُهرجي دوستو.

”زاهد“ ريت پِريت ڏي- ويندڙ واٽَ لَهي،
جيئڻ گُهرجي دوستو.
جيئڻ گُهرجي دوستو.

❊❊❊



ڪنهن ڪنهن ڏُکَ ڏنا- ڳَهڙا ۾ ڪيڏا،
وِسريا ڪِينَ وجودَ کان.

جيڏا گُل ڏِنا هُيمر- گهاوَ مِليا تيڏا،
وِسريا ڪِينَ وجودَ کان.

تاڻي، تيرَ هِڻي وَئين- تکا لَفظن جا،
وِسريا ڪِينَ وجودَ کان.

ڳاٽيتي کان ها ڳرا- صدما سورن جا،
وِسريا ڪِينَ وجودَ کان.

دِل مٿان ”زاهد“ ڪِريا- دَردَ جَبلَ جيڏا،
وِسريا ڪِينَ وجودَ کان.
وِسريا ڪِينَ وجودَ کان.

❊❊❊

ڏُکن ۾ ڏوريَئون پيا- پنهنجن سُکَن لاءِ،
پيرَ اَسانجا پَنڌ ۾.

سوچَ ڏني هيءَ لوچَ آ- سُندر لَمحَن لاءِ،
پيرَ اَسانجا پَنڌ ۾.

جيءَ کي جهومائي هَليا- جذبا جَلوَن لاءِ،
پيرَ اَسانجا پَنڌ ۾.

چَپَ رَکن ٿا چاهتون- مِنٿڙين مُرکن لاءِ،
پيرَ اَسانجا پَنڌ ۾.

“زاهد” جيون جي ڏکئي- رڻ ۾ رَستن لاءِ،
پيرَ اَسانجا پَنڌ ۾.
پيرَ اَسانجا پَنڌ ۾.

❊❊❊



توڙيِ، تاءُ تِکو- اوکيءَ مَنزِل جو،
مان تہ مُسافِر آهيان.

اَجا ٿو آرامَ لئہ- ٻَوليان آنءُ اَجهو،
مان تہ مُسافِر آهيان.

ڏوهُہ ڏسيو ئي کو نہ ٿا- ڏنيَ ڏيو ٿا ڇو؟
مان تہ مُسافِر آهيان.

مون کي پنهنجي ساهَہ کان- آهي ماڳُ مِٺو،
مان تہ مُسافِر آهيان.

هَر دم تنها دَم اَٿم- هَمدَم کونهي کو،
مان تہ مُسافِر آهيان.

زاهد کرڻي کين آ- دل سان ڇا ۽ ڇو
مان تہ مُسافِر آهيان.
مان تہ مُسافِر آهيان.

❊❊❊

ٽُنهنجين سوچُن کي- يا پنهنجن پاڳن کي،
ڏوراپو ڳنهِن کي ڏيان.

ٻَئي هَٿَ ڏئي چَڏيئه- ٻُڏڙ وارن تي،
ڏوراپو ڳنهِن کي ڏيان.

ڳوڙها اَکڙين جا سَيئي- ويٺُسِ مان اوتي،
ڏوراپو ڳنهِن کي ڏيان.

روئي روئي نيٺ مون- روڄُ چَڏيو روکي،
ڏوراپو ڳنهِن کي ڏيان.

”زاهد“ آسَ اَٿم اِها- سَنگدل مَنَ سوچي،
ڏوراپو ڳنهِن کي ڏيان.
ڏوراپو ڳنهِن کي ڏيان.

❋❋❋



ڳهڙي مون پاتي- هِڪڙي حياتي،
جوڀَن گُذريو جيلَ ۾.

وَرهن کان تُنهنجي پرين- تاتِ اَٿم تاتي،
جوڀَن گُذريو جيلَ ۾.

دِلبَر جي دوري ٻَٽي- جذبن لئه ڪاتي،
جوڀَن گُذريو جيلَ ۾.

سُڪَلَ ٽوٽُ زمين آ- ڇاتيءَ ريءَ ڇاتي،
جوڀَن گُذريو جيلَ ۾.

دَرِدَ ٻه آهن ٿي وَيا- جَڙُ گهر جا ڀاتي،
جوڀَن گُذريو جيلَ ۾.

سُڪَ نه ”زاهد“ جيءَ ۾- پاتي ڪا جهاتي،
جوڀَن گُذريو جيلَ ۾.
جوڀَن گُذريو جيلَ ۾.

❋❋❋

سارَن ڳُلڙَن تان ۔ پنهنجن هَٿڙَن سان،
جيڪَر لُڙڪَ اُگهي سَگهان.

سُڏڪا دنيا جا سُٽي ۔ سوچيندو آهيان،
جيڪَر لُڙڪَ اُگهي سَگهان.

ايڏي سَگهه مِلي وَڃي ۔ هَر ماڻهوءَ جا مان،
جيڪَر لُڙڪَ اُگهي سَگهان.

جيڪي اُميدون ڏَين ۔ اَهڙا گيتَ لِکان،
جيڪَر لُڙڪَ اُگهي سَگهان.

"زاهد" اِنهيءَ آس تي ۔ جَڳَ ۾ ٿو جيئان،
جيڪَر لُڙڪَ اُگهي سَگهان.
جيڪَر لُڙڪَ اُگهي سَگهان.

❋❋❋



نَرندا جَلندڙَ جهيرَ ۔ گُهلندي ٿَڌڙي هيرَ،
آسَ نہ اُجڙي آ اَڃا.

آهن يارَ عذاب ۾ ۔ توڙي اَنگَ اَسيرَ،
آسَ نہ اُجڙي آ اَڃا.

ڏرتيءَ جيڏي دل آ ۔ آهيون مَست فَقيرَ،
آسَ نہ اُجڙي آ اَڃا.

هَٿَ رَکن ٿا هِمَٿُون ۔ ٺاهيندا تَقديرَ،
آسَ نہ اُجڙي آ اَڃا.

سوچن ٿا سَنسار ۾ ۔ "زاهد" ذِهنَ ضَميرَ،
آسَ نہ اُجڙي آ اَڃا.
آسَ نہ اُجڙي آ اَڃا.

❋❋❋

چوريءَ چوري ڪا- مون کي چاهيندي،
مون سوچيو ئي ڪونہ هو.

سونهَن دَريءَ مان اوچتو- ليئو پائيندي،
مون سوچيو ئي ڪونہ هو.

ڪونجَ ڪائي اُڏري آچي- هُجَ هَلائيندي،
مون سوچيو ئي ڪونہ هو.

هوءَ مُنهنجي، سيني مَٿان- وارَ وِڇائيندي،
مون سوچيو ئي ڪونہ هو.

"زاهد" آهي دوستي- دل تَڙپائيندي،
مون سوچيو ئي ڪونہ هو.
مون سوچيو ئي ڪونہ هو.

***



چَئوٽيءَ چاهَتَ سان- تُنهنجيءَ چاهَت کي،
جاءِ ڏِني تَم جيءَ ۾.

سانڍِيم تُنهنجي ڳالهہ ايئن- جَڙُ ڪَنهن آيتَ کي،
جاءِ ڏِني تَم جيءَ ۾.

تو سان گهارَيل عُمر جي- ساعَتَ ساعَتَ کي،
جاءِ ڏِني تَم جيءَ ۾.

تنهنجي پاسي ۾ رهي- راڻي راحَتَ کي،
جاءِ ڏِني تَم جيءَ ۾.

زاهد سچي پيار سان- جيئري جَنتَ کي،
جاءِ ڏِني تَم جيءَ ۾.
جاءِ ڏِني تَم جيءَ ۾.

***

اَجُ پنهنجي دل جي- ڪوري ڪاغذَ تي،
تُنهنجو نانءُ لکي ڇَڏُيم.

مُنهنجا لُڙڪ اُگهي جَڏهن- مُرڪ ڏِنَئي مون کي،
تُنهنجو نانءُ لکي ڇَڏُيم.

سَگهاريون سوچون ڪَٽي- تنهنجي لَئہ سوچي،
تُنهنجو نانءُ لکي ڇَڏُيم.

جيءَ ۾ جاءِ ڏئي ڇَڏيئہ- سارو جَڳ ڇَڏي،
تُنهنجو نانءُ لکي ڇَڏُيم.

مُنهنجيءَ تنهائيءَ تَڪيو- نيڻ ڪٽي توڙي،
تُنهنجو نانءُ لکي ڇَڏُيم.

اندرَ مَنجهہ اُميد جو- زاهد ٻِجُ ڇَٽي،
تُنهنجو نانءُ لکي ڇَڏُيم.
تُنهنجو نانءُ لکي ڇَڏُيم.

❋❋❋



ڇا تون چاهينديئن- دل تان ڊاهينديئن،
مُنهِنجي سَچي پيارَ کي.

ڇِرڪي ڇِرڪي نيٺ تون- ڇاتيءَ لائينديئن،
مُنهِنجي سَچي پيارَ کي.

تيڏي نَهندَئي زندگي- جيڏو تاهيديئن،
مُنهِنجي سَچي پيارَ کي.

ڏُکُ نہ ڏِسَنديئن ڏيهَہ ۾- جي تون پائينديئن،
مُنهِنجي سَچي پيارَ کي.

زاهد جون وايون پڙهي- جهومي ڳائينديئن،
مُنهِنجي سَچي پيارَ کي.
مُنهِنجي سَچي پيارَ کي.

❋❋❋

ٽُنهنجي خَطن جا- ٽاهي گُلدَستا،
پَنهِنجو گهرُ سينگارِيُم.

نَهڪارَن پويان سُٺي- هِڪڙي تنهنجي ها،
پَنهِنجو گهرُ سينگارِيُم.

جاڪون مُنهنجي پيارَ لئہ- ٺاهيا تو رستا،
پَنهِنجو گهرُ سينگارِيُم.

پيرَ پرينءَ جا پَنڌ ۾- ڇاڻُ اجهو پَهتا،
پَنهِنجو گهرُ سينگارِيُم.

“زاهد” جيءَ ۾ چاهَتُن- جا ڳايا جَذبا،
پَنهِنجو گهرُ سينگارِيُم.
پَنهِنجو گهرُ سينگارِيُم.

❃❃❃



ساٿُ نہ تون ڏيندين- جي وِڇڙي ويندين،
ساهُ بہ مون کان وِڇڙي ويندو.

منهنجي جُهرندڙ جيءَ جو- ٿَنڀُ نہ جي ٿيندين،
ساهُ بہ مون کان وِڇڙي ويندو.

دل جي زخمن کي وري- ٻيهرَ کوريندين،
ساهُ بہ مون کان وِڇڙي ويندو.

جي تون مَن جون ڳالهڙيون- اَڄُ نہ اوريندين،
ساهُ بہ مون کان وِڇڙي ويندو.

زاهد کي جي تون پرين- عِشق نہ ارپيندين
ساهُ بہ مون کان وِڇڙي ويندو.
ساهُ بہ مون کان وِڇڙي ويندو.

❃❃❃

ڳنهن جي ڳالهہ ڳرڻُ- ٿَڌڙا ساهَہ ڀرڻ،
جَذبو آهي پيارَ جو.

ڪنهن راڻيءَ لئہ راتڙيون جهوريءَ ۾ جاڳڻ،
جَذبو آهي پيارَ جو.

نظرون نظرن ۾ رکي- ناريءَ جو مُرڪڻ،
جَذبو آهي پيارَ جو.

هر پل تنهنجو اي ڪوي- سونهن مٿان سوچڻ،
جَذبو آهي پيارَ جو.

تنهنجو زاهد جي سِين- سَپنن مَنجهہ اَچڻ،
جَذبو آهي پيارَ جو.
جَذبو آهي پيارَ جو.

❊❊❊



مُنهنجي نيڻَن جي- سَپنن ۾ آهي،
هِڪڙي سُهڻي سانورِي.

ڪيڏيون رَنگينيون کَڻي- ايندي آ مون ڏي،
هِڪڙي سُهڻي سانورِي.

منهنجو نانءُ لِکي وَئي- آ پنهنجي دل تي،
هِڪڙي سُهڻي سانورِي.

سارو جَڳُ اَوهان کَڻو- مُنهنجي ڏِيو مون کي،
هِڪڙي سُهڻي سانورِي.

"زاهد" مُنهنجي لاءِ پَئي- سالن کان سوچي،
هِڪڙي سُهڻي سانورِي.
هِڪڙي سُهڻي سانورِي.

❊❊❊

دل جـــي دَرپـــنَ ۾، آڏو دَرشـــنَ ۾،
ٽُنهنجو چَهِرو ٿو رَهي.

خواب ڪٽي ايندين رهيون، ننڊون نيڻن ۾،
تنهنجو چهرو ٿو رهي.

تو لئه پتڪان ٿو پرين، چَئني طرفن ۾،
ٽُنهنجو چَهِرو ٿو رَهي.

توکي لوڪُ پڙهي پيو، مُنهنجين وائين ۾،
ٽُنهنجو چَهِرو ٿو رَهي.

جلوا زاهد پيار جا جَرڪيا جذبن ۾،
ٽُنهنجو چَهِرو ٿو رَهي.
ٽُنهنجو چَهِرو ٿو رَهي.

***



تنهنجو تَرسائڻُ، راتيون رَهائِڻُ،
مون ڪان وِسري ئي نٿو.

پَهرين پهرين ڏينهَن تي، چرڪڻ شَرمائِڻُ،
مون ڪان وِسري ئي نٿو.

هَلڪيءَ هلڪيءَ مُرڪَ سان، مِٺڙو ڳالهائِڻُ،
مون ڪان وِسري ئي نٿو.

مُنهنجو گيتُ لِکي ڏَيڻُ، ۽ ٽُنهنجو ڳائڻ،
مون ڪان وِسري ئي نٿو.

تنهنجو روز رُسي وڃڻ، منهنجو پرچائڻ
مون ڪان وِسري ئي نٿو.

زاهد ساري راتِ جو، جاڳڻُ جاڳائِڻُ،
مون ڪان وِسري ئي نٿو.
مون ڪان وِسري ئي نٿو.

***

تُنهنجي وَئي ڪان پوءِ- ايندڙ هَر لَمحو
جهيرَ ڏئي وِيو جيءَ کي.

تيز گهٽو تلوار ڪان- تنهنجو هو لهجو
جهيرَ ڏئي وِيو جيءَ کي.

جَنهن کي سانديُم ساهَ ۾- ساهُ ڪَڍي ويو سو
جهيرَ ڏئي وِيو جيءَ کي.

ڪيڏا ڪيسَ ڪَري ويو- قياسُ نہ آيُس ڪو
جهيرَ ڏئي وِيو جيءَ کي.

“زاهد” هُن جو آخري- هڪڙو خط مليو
جهيرَ ڏئي وِيو جيءَ کي.
جهيرَ ڏئي وِيو جيءَ کي.

❋❋❋



تنهنجو خَطُ پڙهي، روئَڻَ لاءِ ٻَئي،
اَکڙيون پَرجي آيون آهن.

توڪان مُنهنجي پيارَ جي- وِڇڙي يادِ وَئي،
اَکڙيون پَرجي آيون آهن.

ڪاتيءَ جي ٻولي ڪٽي- تو آ ڳالهہ ڪَئي،
اَکڙيون پَرجي آيون آهن.

سارا ويندڙ پل وِيا- مون کي ڏنيَ ڏئي،
اَکڙيون پَرجي آيون آهن.

“زاهد” جي هَر آس آ- تو ڏي پَنڌِ پَئي،
اَکڙيون پَرجي آيون آهن.
اَکڙيون پَرجي آيون آهن.

❋❋❋

تنهنجو روز رُسڻُ- تڙپائي پرچڻُ،
ڏاڍي ڏکي ڳالهه آ.

مان ٻوليان ٿو ماٺ ڇو- ماٺُن کي سمجهڻُ،
ڏاڍي ڏکي ڳالهه آ.

تو تائين آ پهچڻو- توڙي جو پهچڻُ،
ڏاڍي ڏکي ڳالهه آ.

اوجاڳو اوکو نه آ- جهيرَ سهي جاڳڻُ،
ڏاڍي ڏکي ڳالهه آ.

موتُ گهڙيءَ جو گهاءُ آ- پر "زاهد" جيئڻُ،
ڏاڍي ڏکي ڳالهه آ.
ڏاڍي ڏکي ڳالهه آ.

❋❋❋



تنهنجن سُڏڪن ۾- منهنجن لُڙڪن ۾،
خوشبو آهي پيارَ جي.

اَندرَ جي آواز تي، جاڳيل جَذبَن ۾،
خوشبو آهي پيارَ جي.

مون ڏي جيڪي موڪليئي- سارَن خطن ۾،
خوشبو آهي پيارَ جي.

چاهت جي طوفانَ سان- وِڪريل وارَن ۾،
خوشبو آهي پيارَ جي.

اوسيئڙن ڪان پوءِ مِلي- دَرَ جي ڪَڙڪن ۾،
خوشبو آهي پيارَ جي.

جهورُ نه ٿيندو جيئڙو- جيسين جيونَ ۾،
خوشبو آهي پيارَ جي.

"زاهد" چمڪي چاهُ ٿو- تُنهنجن گيتن ۾،
خوشبو آهي پيارَ جي.
خوشبو آهي پيارَ جي.

❋❋❋

شالَ نہ سَجي، سانوري- تنهنجن هَٿڙن تي،
ميندي مُنهنجي خونُ جي.

مون کان پيار نَٿي وَٺين- ڇا توکي گُهرجي،
ميندي مُنهنجي خونُ جي.

روئاريندي راهَہ ۾- تنهنجن ڄاڄين کي،
ميندي مُنهنجي خونُ جي.

سَرِ ٿُين مَنجهہ ورهئجانءِ، جيڪا لَپ بچي،
ميندي مُنهنجي خونُ جي.

“زاهد” جو نالو ڪٽي- تَڪيندي تو ڏي،
ميندي مُنهنجي خونُ جي.
ميندي مُنهنجي خونُ جي.

***



حورَ نہ آئينءَ هاءِ- راتِ بہ ٿُنهنجي لاءِ،
اَکڙين اوجاڳا ڪيا.

آلين پِنبڻين کي اَچي- پيارُ ڪري پرچاءِ،
اَکڙين اوجاڳا ڪيا.

هِڪڙيءَ آٿَتِ سان ويهي- ماندو مَنُ مُرڪاءِ،
اَکڙين اوجاڳا ڪيا.

توکان دوريءَ جي صَنم- راس نہ آئي راءِ،
اَکڙين اوجاڳا ڪيا.

“زاهد” جيون کي ملي- جهوراٽن ۾ جاءِ،
اَکڙين اوجاڳا ڪيا.
اَکڙين اوجاڳا ڪيا.

***

رِڻ ۾ رَنگُ رَچي- اڇي مَنَ اَڇي،
اجا سِجُ لٿو نہ آ.

اوسيئڙن ۾ آسَ ٿي، هَلڪو ناچُ نَچي،
اجا سِجُ لٿو نہ آ.

جيسين جيءُ چوي پرين- تيسين جيءُ بَچي،
اجا سِجُ لٿو نہ آ.

آٿت ڏني آس کي- مُنهنجي پيارَ سَچي،
اجا سِجُ لٿو نہ آ.

"زاهد" مَنَ جي ماڳَ تي- مَن ڪا موج مَچي،
اجا سِجُ لٿو نہ آ.
اجا سِجُ لٿو نہ آ.

***



ڳَهلَ نہ آيئي ڪا- جَلندي جيونَ جا،
ڪيئي سِجَ لَهي وَيا.

مانَجهاندي، جي مَهلَ وَئي- آڏيءَ جو ئي آ،
ڪيئي سِجَ لَهي وَيا.

نيٺ تہ سُڄبي نينَهن ۾- ٽُنهنجي هڪڙي ها،
ڪيئي سِجَ لَهي وَيا.

لُڙڪن ٻاريا آسَ جا- نيڻَن مَنجهہ ڏيئا،
ڪيئي سِجَ لَهي وَيا.

"زاهد" سونهن ڳَڙي ڳَيا- سَنڌ اَٿم سوڳها،
ڪيئي سِجَ لَهي وَيا.
ڪيئي سِجَ لَهي وَيا.

***

لَهندڙَ سورَج کان- ويرُن رَنگَ وَتا،
سَمندَ ڪناري شامَ جو.

جيئڻ لئہ ميڙيان پَيو- موتي يادُن جا،
سَمندَ ڪناري شامَ جو.

ڪيڏا جويَن جا هِتي- جَلوا هوندا ها،
سَمندَ ڪناري شامَ جو.

تو بن هاڻي سانوري- مُندَ بہ ناهي سا،
سَمندَ ڪناري شامَ جو.

مُنهنجي پيار پُڪارَ تي- مِنٿڙي موٽي آ،
سَمندَ ڪناري شامَ جو.

زاهد وسرن ئي نٿا- ماضيءَ جا رستا
سَمندَ ڪناري شامَ جو.
سَمندَ ڪناري شامَ جو.

❊❊❊



وقت جو وَهڪرو- تيز تَر يا جَهڪو
ٿي سَگهي ئي نٿو.

ٿُنهنجي زُلفن سوا- مُنهنجي لئہ ڇانورو
ٿي سَگهي ئي نٿو.

يارَ لاهي ڇَڏيان- تو منجهان آسرو
ٿي سَگهي ئي نٿو.

هِمَٿُن جي اَڳيان- ڪَمُ ڪوئي ڳرو
ٿي سَگهي ئي نٿو.

سڏ مُنهنجا سُڻي- ڊولُ مُنهنجو ڊرو
ٿي سَگهي ئي نٿو.

شيخ زاهد ڪڏهن- بي سُروبي گُرو
ٿي سَگهي ئي نٿو.
ٿي سَگهي ئي نٿو.

❊❊❊

دوست يا دلرُبا- هَر گهڙي هَمنوا،
ڪوبہ ڪنهن جو نہ آ.

تيز ڊوڙي پئي- جاڏي تاڏي جَفا،
ڪوبہ ڪنهن جو نہ آ.

بي سَهارو سَفر- زندگيءَ لئہ سَزا،
ڪوبہ ڪنهن جو نہ آ.

ساهُہ پنهنجو بہ تو- تي وَجي بي وَفا،
ڪوبہ ڪنهن جو نہ آ.

دَردَ "زاهِدَ" ڏِني- دِل مَنجهان آ صَدا،
ڪوبہ ڪنهن جو نہ آ.
ڪوبہ ڪنهن جو نہ آ.

***



ٿَهڪيلَ ٽانڊَن تي- پَئي آ ڳنڊَن تي،
دوزَخَ جَهِڙي زندگي.

راجُ گهٽو گهاري پيو- رُڪن گِرهَن تي،
دوزَخَ جَهِڙي زندگي.

اَجهي ريءَ اَجا پَئي- تڙپي رستن تي،
دوزَخَ جَهِڙي زندگي.

هوريان هوريان هير تون- من کي مُرڪن تي،
دوزَخَ جَهِڙي زندگي.

نالو رَکُ اُميد جو- سورن صدمن تي،
دوزَخَ جَهِڙي زندگي.

زاهِدَ جنتَ جوڙبي- مِلي آ مون کي
دوزَخَ جَهِڙي زندگي.
دوزَخَ جَهِڙي زندگي.

***

جيڪا ٻٽجي پوي- زندگيءَ لئہ زهر،
ڳالهہ اهڙي نہ ڪَر.

يارَ تلوار جي- ڌارَ ڪان تيز تَر،
ڳالهہ اهڙي نہ ڪَر.

جا وڇائي ڇڏي- پيارَ جو هر پَهر،
ڳالهہ اهڙي نہ ڪَر.

جنهن سان اُجڙي وڃي- چاهتُن جو شهر،
ڳالهہ اهڙي نہ ڪَر.

رات مون کي چيو- جنهن ۾ ناهي سَحر،
ڳالهہ اهڙي نہ ڪَر.

جا بہ زاهد ڪٽي- ظلم وارن جي پر،
ڳالهہ اهڙي نہ ڪَر.
ڳالهہ اهڙي نہ ڪَر.

❊❊❊



پَڪ آهي پرين- زندگي جي رَهي،
ڏُکَ ويندا لَهي.

چاهُہ آهي سَچو- راهَہ پوندي ئَهي،
ڏُکَ ويندا لَهي.

گيتُ اُميد جو- ويٺي ڳائي وَهي،
ڏُکَ ويندا لَهي.

هِنَ حياتيءَ ۾- جي ملياسين ٻئي،
ڏُکَ ويندا لَهي.

جاڳُ جانيئڙا- ياڳَ ايندا ڳهي،
ڏُکَ ويندا لَهي.

ڏَڍَ زاهد ڪيئي- وقت وِيو آ ڏئي
ڏُکَ ويندا لَهي.
ڏُکَ ويندا لَهي.

❊❊❊

پيارُ ڪنهن کي ڏئي، ڏارَ ناهي ڳبو،
ٽورڙو سوچ تون.

غير کي ڳچيءَ جو، هار ناهي ڪبو،
ٽورڙو سوچ تون.

پاڻ کي ڪنهن مٿان بارُ ناهي ڪبو،
ٽورڙو سوچ تون.

ڪنهن مُئل جي مٿان، وارُ ناهي ڳبو،
ٽورڙو سوچ تون.

نااهل سان زاهد، پيار ناهي ڳبو،
ٽورڙو سوچ تون.
ٽورڙو سوچ تون.

***



پيارَ ۾ تون پَڪو، يارَ ٿي وَئين يَڪو،
چو اَچين ئي نٿو.

تُنهنجون خبرون ڪٺي، ڪانگُ پهتو نہ ڪو،
چو اَچين ئي نٿو.

وقت آ تيز تَر، ٿيءُ نہ جاني جَهڪو،
چو اَچين ئي نٿو.

پنڌ ناهي پَري، پَرَ تون آهين ٿَڪو،
چو اَچين ئي نٿو.

پنهنجو "زاهد" پرين، اڄ وساريو آ تو،
چو اَچين ئي نٿو.
چو اَچين ئي نٿو.

***

ڏور ڏاڍو وَئين- دل آ تو لئہ پَري،
آءُ موٽي وَري.

مهل موقعو ملئي- وک نہ رکجانءِ ڏَري،
آءُ موٽي وَري.

دردَ ۾ ڏاهي دل- ٽي پَئي آ چري،
آءُ موٽي وَري.

تو سوا هر پهر- ٿو لڳي آخري،
آءُ موٽي وَري.

تن بدن ۾ وئي- باهہ آهي ٻري،
آءُ موٽي وَري.

زندگيءَ جي بچي آهي زاهد ذري،
آءُ موٽي وَري.
آءُ موٽي وَري.

❊❊❊



هر گهڙي، هر پهر- بي خطا آ سزا،
شامَ توکان سِوا.

پيارَ ۾ فاصلا- موتَ جا مَرحلا،
شامَ توکان سِوا.

زندگيءَ جو سبب- آٿَتون آسرا،
شامَ توکان سِوا.

ساهہ جي آخري- ڇڙ تہ آهي صدا،
شامَ توکان سِوا.

هيل "زاهد" سَتم- درد جي انتها،
شامَ توکان سِوا.
شامَ توکان سِوا.

❊❊❊

پارَ وارا پرين- هانءُ هارين مٿان،
مان اَچان ٿو اَچان.

سِرنهَن جي چانوري- سانورا ويهجان،
مان اَچان ٿو اَچان.

چاهَہ جون ڪي چوان- پاجهه جون ڪي ٻُڌان،
مان اَچان ٿو اَچان.

ڏينهن جو سِجُ تون- رات جو چنڊُ آن،
مان اَچان ٿو اَچان.

رُجَ ۾ هيڪلو- ڪيئن "زاهد" رَهان،
مان اَچان ٿو اَچان.
مان اَچان ٿو اَچان.

***



اِنتظاريءَ ۾- بي قراريءَ ۾،
عُمر گُذري وَئي.

تون نہ آئين مگر- تُنهنجي ياريءَ ۾،
عُمر گُذري وَئي.

چنڊ آهين ڪٽي- رات ڪاريءَ ۾،
عُمر گُذري وَئي.

نيڻ آلا رهيا- اشڪباريءَ ۾،
عُمر گُذري وَئي.

تنهنجون يادون لکيم- ڪُجهہ بَهاريءَ ۾،
عُمر گُذري وَئي.

توڏي اچڻو هُيم- پر تياريءَ ۾،
عُمر گُذري وَئي.

عشق "زاهد" رهيو- رازداريءَ ۾،
عُمر گُذري وَئي.
عُمر گُذري وَئي.

***

# سانئڻ عابده پروين
# کي ڀيٽا

حُسن جو ناز آ۔ عشق جو راز آ،
ٿُنهنجي آواز ۾.

هر ادا ۾ ڀَريل۔ خاص انداز آ،
ٿُنهنجي آواز ۾.

زندگيءَ جو نَئون۔ ڄڻ تہ ڪو ساز آ،
ٿُنهنجي آواز ۾.

موجَ مستيءَ ڀَريو۔ بِرهُہ بي نياز آ،
ٿُنهنجي آواز ۾.

حُسنَ آڏو زاهد۔ عِشقُ ايلاز آ،
ٿُنهنجي آواز ۾.
ٿُنهنجي آواز ۾.

❋❋❋



شال گُذري وَڃي،
پيار ۾ زندگي.

چاهَہ جي راهہ تي۔ رقص بيٺي ڪري،
پيار ۾ زندگي.

سبز خوابن جي ڪا۔ ڄَڻُ پري ٿي لڳي،
پيار ۾ زندگي.

جيستائين جيئون۔ تيستائين رَهي،
پيار ۾ زندگي.

آءُ تہ "زاهد" ملي۔ هر گهڙي گهارجي،
پيار ۾ زندگي.
پيار ۾ زندگي.

❋❋❋

جيسين جيون آ،
تون مُنهنجي آهين.

دل جي ڳالهه چَئي ڇَڏي- مُنهنجن ڇپن آ،
تون مُنهنجي آهين.

تنهنجي پائل جي منتي- من ۾ ڇَن ڇَن آ،
تون مُنهنجي آهين.

زاهد لئه تنهنجو هُجڻ- دل جي ڌڙڪن آ،
تون مُنهنجي آهين.

چاهَه جو وڻ ناهي سُڪو- سائو هر پن آ،
تون مُنهنجي آهين.
تون مُنهنجي آهين.

***



گَڏ گُذاريل گهڙيون،
تون وساريں مَتان.

مُنهنجي دل کي هٽي- قُربَ واريون ڳڙيون،
تون وساريں مَتان.

جيءَ جويَن سنديون- جانِ من جيءَ جَڙيون،
تون وساريں مَتان.

پيارَ جون لذتون- مِنڙيون مِصريءَ ڳَڙيون،
تون وساريں مَتان.

روحُ زاهد سندو- تنهنجي پويان رڙيون،
تون وساريں مَتان.
تون وساريں مَتان.

***

ساهہ ڏي سَچَ تي،
سچَ ۾ سويَ آ.

پيار مَرڻو نہ آ. پَڪَ آ پاڻ کي،
سچَ ۾ سويَ آ.

ماڻهپي جو مِٺا. مرتبو آ مٿي،
سچَ ۾ سويَ آ.

رات جو راڄَ ڪي. چَندُ بيٺو چوي،
سچَ ۾ سويَ آ.

ڪوٽَ لَئہ ڪَڏَ آ. ڪوٽُ ڇا لئہ ڪٿي،
سچَ ۾ سويَ آ.

سَچُ زاهِدَ سَندو مَچَ ۾ ٿو نچي.
سچَ ۾ سويَ آ.
سچَ ۾ سويَ آ.

❊❊❊



ذهنُ جاڳي پَيو
سوچَ ناهي سُتي.

تنهنجي وَئي ڪي وَڏو. وقت گُذري ويو
سوچَ ناهي سُتي.

تو چيو ماٺِ ڪَر. موٽ ۾ مون چيو
سوچَ ناهي سُتي.

عَڪسُ تنهنجو پرين. روح ۾ آ رهيو
سوچَ ناهي سُتي.

چاهَتُن ڪي چَيُم. ڪنڌ اوچا ڪيو
سوچَ ناهي سُتي.

عِشقُ زاهد گَيُم. اَڻ ٽُريو اَڻ مَيو
سوچَ ناهي سُتي.
سوچَ ناهي سُتي.

❊❊❊

مان تہ انسان کي،
روز ڳولهيان پَيو.

دل ۾ ويٺو رهي- اهڙي مهمانَ کي،
روز ڳولهيان پَيو.

تون ڪڏهن ٿو اَچين- تُنهنجي احسانَ کي،
روز ڳولهيان پَيو.

دوستيءَ ۾ پرين- تُنهنجي ايمان کي،
روز ڳولهيان پَيو.

توکي ڳولهيان ٿو مان- جڻ تہ ڀڳوان کي،
روز ڳولهيان پَيو.

درد زاهد مِليا جِن جي درمان کي،
روز ڳولهيان پَيو.
روز ڳولهيان پَيو.

❋❋❋



شال ميلا مَچن،
ڏينهن اهڙا اَچن.

چاهَہ ۾ سڀ دليون- ڪن وفا جا وچن،
ڏينهن اهڙا اَچن.

دوستَ مُرڪي ملن- جيءَ جهومَن نَچن،
ڏينهن اهڙا اَچن.

پيارُ جيڪي نہ ڪن- جيءَ جلندا رهن،
ڏينهن اهڙا اَچن.

روزُ ايندا رَهو- روزُ راهون سَجن
ڏينهن اهڙا اَچن.

ساهُہ جَن مَنجهہ آ- ساڻ "زاهد" هُجن،
ڏينهن اهڙا اَچن.
ڏينهن اهڙا اَچن.

❋❋❋

پريت ۽ پيارَ ۾،
دير ناهي ڪبي.

تيز ڪر وک تون۔ هِن سنسارَ ۾،
دير ناهي ڪبي.

دِلرُبا جي اڳيان۔ دل جي اظهارَ ۾،
دير ناهي ڪبي.

حُسن آڏو ويهي۔ عِشقَ اِقرارَ ۾،
دير ناهي ڪبي.

جيڪڏهن دل چوي۔ صاف انڪارَ ۾،
دير ناهي ڪبي.

وَقتُ زاهِدَ چوي، وارُ ڪر وارَ ۾،
دير ناهي ڪبي.
دير ناهي ڪبي.

***



ڏينهن لاتا اَٿئي،
سِڪ آهي لڳي.

تون سُٺي، ئي نَٽو۔ ساهَڙو ٿو سَڏئي،
سِڪ آهي لڳي.

دردَ جي موٽَ ۾۔ دل دُعا ٿي ڏَيئي،
سِڪ آهي لڳي.

جيءَ ۾ ڪو جُهيو۔ شال جاني اَچئي،
سِڪ آهي لڳي.

ڏُکَ زاهِدَ کي ڏئي۔ نيت ڇا ٿو مليئي،
سِڪ آهي لڳي.
سِڪ آهي لڳي.

***

ياڳَ جاڳي پون،
جيڪڏهن تون اَچين.

دل جي اُميد ڏي- آسرا ڪي اچن،
جيڪڏهن تون اَچين.

تُنهنجي هڪ ديدَ سان- درد گهٽجي وَڃن،
جيڪڏهن تون اَچين.

هيلَ سُندر سَيئي- مُنهنجون شامون ٿين،
جيڪڏهن تون اَچين.

مَنَ جي تصوير ۾- رنگ "زاهد" رَچن،
جيڪڏهن تون اَچين.
جيڪڏهن تون اَچين.

***



مُنهنجي اُميد کي، دل جي هر ديد کي
آسرو ڏي پرين.

مان جيئڻ ٿو گُهران- پيارُ ڏي يا نہ ڏي،
آسرو ڏي پرين.

قُربَ جي ڳالهہ ڪر- مهرباني ڪري
آسرو ڏي پرين.

پيرَ آهن پُڳا- اَڄُ ڏکئي موڙ تي،
آسرو ڏي پرين.

ڪُجهہ تہ زاهد کي ڪا- ٿوري دلجاءِ ٿئي،
آسرو ڏي پرين.
آسرو ڏي پرين.

***

سَچَن جَذبَن سان،
روح جي رستن سان
توکي چاهيان ٿو.

تون سمجهي ناهين سگهي- مَنَ ۾ ڪيڏو مان.
توکي چاهيان ٿو.

مون دل تي آهي لکيو- مان تُنهنجو آهيان،
توکي چاهيان ٿو.

جنت جون حورون سيئي- گهورَ ڪيان توتان،
توکي چاهيان ٿو.

"زاهد" لاءِ عظيم تون- ساري دنيا ڪان،
توکي چاهيان ٿو.
توکي چاهيان ٿو.

❊❊❊



مون کان تي نہ جُدا
مُنهنجي دنيا آ،
تُنهنجي چهري ۾.

دل جي زخمن آ ڏِني- دردن لاءِ دوا،
تُنهنجي چهري ۾.

جنهن سان هوش هليا وڃن- اهڙي آهي ادا،
تُنهنجي چهري ۾.

سونهن سراپا تون صنم- ڪمي ڪونهي ڪا،
تُنهنجي چهري ۾.

توکي ٿاهي چاهَہ سان- وينو خود خدا،
تُنهنجي چهري ۾.

زاهد روز رکي پيو- اندر جي آشا،
تنهنجي چهري ۾
تنهنجي چهري ۾.

❊❊❊

دل جون سڀ راهون، دل سان مون ٿاهيون
ٿُنهنجي دَرَ تائين.

گيتَ ٻڌائي موڪليم- اندرَ جون آهون،
ٿُنهنجي دَرَ تائين.

نيٺ وَٺي آيون مون کي- هٿ جون ريکائون،
ٿُنهنجي دَرَ تائين.

تون پَردي جي پوئتان- ۽ مُنهنجون ٻانهون،
ٿُنهنجي دَرَ تائين.

"زاهد" سجدن ۾ رَکيون- ساريون آشائون،
ٿُنهنجي دَرَ تائين.
ٿُنهنجي دَرَ تائين.

❊❊❊



مُنهنجو توسان ڪو، تنهنجو مونسان ڪو
ليڪو ئي ڪونهي.

ٿُنهنجي پيارَ پُڇا اَڳيان- مُنهنجيءَ دل ڇيو
ليڪو ئي ڪونهي.

هڪڙيءَ ٻاڪيءَ جي ڪري- شَرمائين ٿي ڇو
ليڪو ئي ڪونهي.

ڏينهن تہ ڇا پر پيار ۾- راتين جو بہ ڪبو
ليڪو ئي ڪونهي.

ايڏي تو ۾ سونهن آ- جَڳ ۾ ڪو جنهنجو
ليڪو ئي ڪونهي.

زاهد منهنجي ذهن ۾- سُهڻين سوچن جو
ليڪو ئي ڪونهي.
ليڪو ئي ڪونهي.

❊❊❊

تــڙپــائــڻ کــان اڳ روئــارڻ کــان اَڳُ
ٿــورو ســوچــيــن هــا.

ڳالھہ وڇوڙي جي ڪيئي- ڳالهائڻ کان اڳ،
ٿــورو ســوچــيــن هــا.

پاڙَ ئي پنهنجي پيار جو- گهرُ ڊاهڻ کان اڳ،
ٿــورو ســوچــيــن هــا.

جي تو چاهي جيت پَئي- هارائڻ کان اڳ،
ٿــورو ســوچــيــن هــا.

”زاهد“ جي هر آسَ کي- ايذائڻ کان اڳ،
ٿــورو ســوچــيــن هــا.
ٿــورو ســوچــيــن هــا.

❊❊❊



ڪــاهــيــو ٿــو ڪــاهــي ســو اڳــتــي آهــي،
جــيــڪــو لــوچــي ٿــو.

ڪو بہ ارادي جو پڪو- پوئتي پيو ناهي،
جــيــڪــو لــوچــي ٿــو.

هــمــت وارو هــيــنــئــڙو- هــارَ نــٿــو کــائــي،
جــيــڪــو لــوچــي ٿــو.

رهــزن کــي رولــي نــيــون- راهــون ٿــو نــاهــي،
جــيــڪــو لــوچــي ٿــو.

پنهنجيءَ منزل کي وَجي- پــاڪُــر ٿــو پــائــي،
جــيــڪــو لــوچــي ٿــو.

زاهِدَ اُن کي تــانــگهہ ٿــي- ڪــائــي تــڙپــائــي،
جــيــڪــو لــوچــي ٿــو.
جــيــڪــو لــوچــي ٿــو.

❊❊❊

سُنـدر سـوچـن ۾، روح جـي رسـتـن ۾
مُنهنجو گهر آهي.

تنهنجن چپن جي مٺان- ٽُنهنجين مُرڪن ۾،
مُنهنجو گهر آهي.

توڙي تون مون کان پري- تہ بہ ٽُنهنجي مَنَ ۾،
مُنهنجو گهر آهي.

جاڪون سورَ ڏنا اَٿئي- تاڪون سُڏڳَن ۾،
مُنهنجو گهر آهي.

تَڙپن ٽُنهنجي لاءِ ٿا- سَچَن جذبن ۾،
مُنهنجو گهر آهي.

تنهنجو زاهِدُ ٿو چوي- تنهجين اکڙين ۾،
مُنهنجو گهر آهي.
مُنهنجو گهر آهي.

❊❊❊



آهي آدمخورُ،
ماڻهو پيارَ بِنا.

جنهن ۾ ناهي ماڻهپو- سو آ ڏِڱو ڍورُ،
ماڻهو پيارَ بِنا.

جلدي بڻبو يارُ آ- ٺڱ، فِرادِي، چورُ،
ماڻهو پيارَ بِنا.

وِڪَ وِڪَ تي وِحشي پَٽو- شهرن ۾ آ شورُ،
ماڻهو پيارَ بِنا.

جنهن کي پيار نٿو ملي- ڪيڏو آ سو بورُ،
ماڻهو پيارَ بِنا.

زاهِدَ ڏُکَ جي ڏيهہ ۾- گهاري ٿو هر دور،
ماڻهو پيارَ بِنا.
ماڻهو پيارَ بِنا.

❊❊❊

مَنَ جي ساگرَ ۾- پنهنجي اندَرَ ۾،
هر ڪو تنها ٿو رهي.

ماڻهو ماڻهوءَ کان جُدا- توڙي پاڪُرَ ۾،
هر ڪو تنها ٿو رهي.

مسجد ۾ ڪوئي هجي- يا ڪنهن مندر ۾،
هر ڪو تنها ٿو رهي.

پنهنجن کان آهيون پري، پنهنجي ئي گهر ۾،
هر ڪو تنها ٿو رهي.

"زاهد" اَڄُ جو آدمي- بيٺو آ بَرَ ۾،
هر ڪو تنها ٿو رهي.
هر ڪو تنها ٿو رهي.

***



مَنَ کي مَهِڪائي- جيڪو ٻهڪائي،
سوپل آهي زندگي.

نازُڪ هَٿُ اڌ رات جو- دَرُ ٿو ڪڙڪائي،
سوپل آهي زندگي.

پريتم پيارَ ڳراٽِڙيون- پَرچي ٿو پائي،
سوپل آهي زندگي.

جويَنُ جويَن سان ملي- جيون جرڪائي،
سوپل آهي زندگي.

زاهِدُ زُلفن ۾ رَهي- جنهن پل ٿو ڳائي،
سوپل آهي زندگي.
سوپل آهي زندگي.

***

ماتِ ڪَئي ٿَئي ڇو، گيتُ امن جو ڪو
ڳيرا اُٿي ڳاءِ تون.

سِنڌ صدين کان سوڳ ۾، ڪارو ويسُ ڪَيو
ڳيرا اُٿي ڳاءِ تون.

سارو جَڳُ سُڪون لئہ، تڪي توڏي ٿو،
ڳيرا اُٿي ڳاءِ تون.

ڏرتيءَ گولو ٿو ڇوي، مون کي جيئڻ ڏيو،
ڳيرا اُٿي ڳاءِ تون.

هر دل جو آواز آ، نغمو "زاهد" جو
ڳيرا اُٿي ڳاءِ تون.
ڳيرا اُٿي ڳاءِ تون.

***



جَڳ ۾ جيئڻ ڏي، ڳيروءَ ڳيري کي،
ماري تيرُ نہ تاڻجانءِ.

وَڻ وَڻَ آکيري، منجهان ٿو آواز اَچي،
ماري تيرُ نہ تاڻجانءِ.

بچيا آهن باغ ۾، باقي گُلَ ٻہ ٿي،
ماري تيرُ نہ تاڻجانءِ.

هر ڪنهن جو هِت ساهڙو، سورَن ۾ آهي،
ماري تيرُ نہ تاڻجانءِ.

جنهن جي من ۾ پيار آ، تون تنهن زاهد ڏي،
ماري تيرُ نہ تاڻجانءِ.
ماري تيرُ نہ تاڻجانءِ.

***

وستيون ۾ ويڙهاـ ماڻهن جا ميڙا،
اُميدُن جي آسري.

اُجڙيل هر انسان جيـ درد ڀري دل آ،
اُميدُن جي آسري.

جيون آهي جالڙوـ جيون جاليئون ٽا،
اُميدُن جي آسري.

سَپنا ٻَڌجي ٽا پَونـ رَستا سوچُن جا،
اُميدُن جي آسري.

“زاهد” هر ڪنهن جيءَ ۾ـ جاڳن ٽا جذبا،
اُميدُن جي آسري.
اُميدُن جي آسري.

❊❊❊



سُهڻي سوِپاريـ ڪيڏي آ پياري،
ٽُنهنجي سونهن سَٻاجهڙي.

روز اَچي ڏيندي رَهيـ دل کي دلداري،
ٽُنهنجي سونهن سَٻاجهڙي.

مُرڪن سان تو زندگيـ مُنهنجي سينگاري،
ٽُنهنجي سونهن سَٻاجهڙي.

پنهنجن گيتن ۾ پرينـ مون آ جهونگاري،
ٽُنهنجي سونهن سَٻاجهڙي.

“زاهد” سجدن ۾ ڏنيـ آهي عمر ساري،
ٽُنهنجي سونهن سَٻاجهڙي.
ٽُنهنجي سونهن سَٻاجهڙي.

❊❊❊

اڪڙيون اولاري- ڪِجڻي ڪيڪاري،
جيئڻ سيڪاري وَئي.

تاندَن جهڙا ڏينهَڙا- جيونَ تان تاري،
جيئڻ سيڪاري وَئي.

پنهنجي پگهر جا ڦُڙا- هَنجَ مٿان هاري،
جيئڻ سيڪاري وَئي.

رِڻَ ۾ راحتَ جو نَئون- رستو ڏيڪاري،
جيئڻ سيڪاري وَئي.

”زاهد“ سنديون پيارَ سان، سوچون سينگاري،
جيئڻ سيڪاري وَئي.
جيئڻ سيڪاري وَئي.

***



تو مون ڏانهن ڏٺو- اڄ وَرهَن ڪان پوءِ،
هِڪڙي آتت آ ملي.

تُنهنجي نيڻن ۾ وري- مُنهنجو ٿاڪُ ٿِيو
هِڪڙي آتت آ ملي.

گهوري دوريءَ جون گهڙيون- اوري آئينءَ جو
هِڪڙي آتت آ ملي.

تنهنجون سچايون ڏسي- سانئڻ مون سوچيو
هِڪڙي آتت آ ملي.

”زاهد“ پهرُ پريت جو- اَڇڻو هو آيو
هِڪڙي آتت آ ملي.
هِڪڙي آتت آ ملي.

***

مُرڪيو مَن غمگين- راهون ٿيون رنگين،
پَهتا پيرَ پرينءَ جا.

گهايل دل دعا گهري- آس چيو آمين،
پَهتا پيرَ پرينءَ جا.

اندر جي انسان کي، هُيو هيلَ يقين،
پَهتا پيرَ پرينءَ جا.

چَمڪيو چنڊُ پريت جو- هر ڪا رات حَسين،
پَهتا پيرَ پرينءَ جا.

"زاهد" مُنهنجي لاءِ آ- پيار ڌرم ۾ دين،
پَهتا پيرَ پرينءَ جا.
پَهتا پيرَ پرينءَ جا.

***



مون ڪان اڳ دلبرَ- مُنهنجي گهرَ جي دَرَ،
ٿُنهنجا هَٿَ چُمي ڇڏيا.

تو منهنجا ڳوڙها اگهيا- لڙڪن جي ساگرَ،
ٿُنهنجا هَٿَ چُمي ڇڏيا.

توکي اُجَ لڳي جڏهن- منڇر ۾ ڪينجَهرَ،
ٿُنهنجا هَٿَ چُمي ڇڏيا.

جيءَ ۾ پاتو پيرُ تو- اندر جي مندر،
ٿُنهنجا هَٿَ چُمي ڇڏيا.

گيتن لئه خوشبو گهري- مُنهنجي مَنَ جي گهر
ٿُنهنجا هَٿَ چُمي ڇڏيا.

تو هڪڙي مِنڙي ڏني- پر "زاهد" هَرَ هَرَ،
ٿُنهنجا هَٿَ چُمي ڇڏيا.
ٿُنهنجا هَٿَ چُمي ڇڏيا.

***

تنهنجي زلفن جي- سائي ۾ آهي،
جنت جهڙي زندگي.

هڪڙي گهر ۾ نيٺ ٻَئي، ويهنداسين ٿاهي،
جنت جهڙي زندگي.

سوچي سيڪوٿو مگر- ڪوڪوٿو پائي،
جنت جهڙي زندگي.

دل جو سُک آ دوستي- نينهن سوا ناهي،
جنت جهڙي زندگي.

"زاهد" جيئڻ لاءِ ٿو- هر ڪوئي چاهي،
جنت جهڙي زندگي.
جنت جهڙي زندگي.

❊❊❊



مان تُنهنجي پِرِ مان- وچا ڪيئن وچان،
تو مان سِڪَ لَهي نَٿي.

صَديون گُهرجن سامهون- وَرهَن تئين ويهان،
تو مان سِڪَ لَهي نَٿي.

توکان وڇڙي پاڻ کي- ڪوجهو ڪيئن ڪَيان،
تو مان سِڪَ لَهي نَٿي.

آڏو تُنهنجو پيار آ- مان ڪاڏي موٽان،
تو مان سِڪَ لَهي نَٿي.

جهڙو تهڙو جيئڻو- تو سان ئي توسان،
تو مان سِڪَ لَهي نَٿي.

جيڏو وَٽئي پيارُ وَٽ- پنهنجي "زاهد" کان،
تو مان سِڪَ لَهي نَٿي.
تو مان سِڪَ لَهي نَٿي.

❊❊❊

ڏوتي اَڻ ڏوتي- تنهنجي سِر پوتي،
سَرِتي سُهڻي ٿي لڳي.

نِمورين جي لاس ۾، چنبڙايل چوٽي،
سَرِتي سُهڻي ٿي لڳي.

سانجهيءَ ويلي سيءَ ۾- ٻڌي ٿَئي ٻوڪي،
سرِتي سُهڻي ٿي لڳي.

پير ۾ ٻيهي جا گَيئي- ڳالهہ سا راتوڪي،
سرِتي سُهڻي ٿي لڳي.

زاهِدَ لئہ هوءَ سونهن جو- آ سچو موتي
سرِتي سُهڻي ٿي لڳي.
سرِتي سُهڻي ٿي لڳي.

❃❃❃



ٽُنهنجي ڇهري تي جڏهن- چَمڪيا مون لئہ چاهَہ پرين،
گهاوَن مَٿان گُلَ ٽِڙي پِيا.

ٽُنهنجا پيرَ چُمي ڇَڏيا- مُنهنجي گهر جي راهَ پرين،
گهاوَن مَٿان گُلَ ٽِڙي پِيا.

هينئڙي ۾ هِڪڙو نہ هو- جهيرَ هُيا پنجاهَہ پرين،
گهاوَن مَٿان گُلَ ٽِڙي پِيا.

مُرڪَن ساڻ ڪري ڇڏَيئي- سَرها! ٿڌڙا ساهَہ پرين،
گهاوَن مَٿان گُلَ ٽِڙي پِيا.

آٿت ساڻ اُجهاميا- اندرَ جا آڙاهہ پرين،
گهاوَن مَٿان گُلَ ٽِڙي پِيا.

“زاهد” تو ۾ پيارَ جي- اڄ ڏٺي ساڃاهہ پرين،
گهاوَن مَٿان گُلَ ٽِڙي پِيا.
گهاوَن مَٿان گُلَ ٽِڙي پِيا.

❃❃❃

پَـرديسـي پـيـارا- مِـٺـڙا مـوتـي آ،
تو لئہ سُهڻي سيجَ وِڇايَم.

روُحَ سان جوڙي ٿم رِلهي- ڏاڳا ڏئي دل جا،
تو لئہ سُهڻي سيجَ وِڇايَم.

ديسُ بہ ٻَنهنجو ٿئي ٻَلو- پيارَ بہ ٻَنهنجن جا،
تو لئہ سُهڻي سيجَ وِڇايَم.

روز ٻَرائي ديسَ جا- مِهڻا مِلندئي ٻِيا،
تو لئہ سُهڻي سيجَ وِڇايَم.

زاهدَ ٻَنهنجي لوڪ سان- لال نہ ڪَرِ ليڪا،
تو لئہ سُهڻي سيجَ وِڇايَم.
تو لئہ سُهڻي سيجَ وِڇايَم.

❋❋❋



جيءَ اَندَرِ جَنهنجو- ڪاٿو ڪونهي ڪو،
تـوسـان ايـڏو پـيـار آ.

تو ۾ مُنهنجو ساهُہ آ- وَرِهَين ڪان ويٺو،
تـوسـان ايـڏو پـيـار آ.

مُنهنجيءَ دل جو ديوتا- تُنهنجو روُحُ رَهيو،
تـوسـان ايـڏو پـيـار آ.

تُنهنجيءَ چاهتَ سان سَچو- اَندَرو مَهِڪي ٿو،
تـوسـان ايـڏو پـيـار آ.

سَجدو زاهدَ جو سَچو- مَحشرَ تئين رَهندو،
تـوسـان ايـڏو پـيـار آ.
تـوسـان ايـڏو پـيـار آ.

❋❋❋

موڳو ڇو آهين- او مُنهنجا سائين،
مارِ نِياڳيءَ ماٺِ کي.

ڳِچيءَ ۾ پايو وَتين- ڳٽَ نَٽو لاهين،
مارِ نِياڳيءَ ماٺِ کي.

ماٺون ماٺِ ڪري ڇڏين- جي تون ڳالهائين،
مارِ نِياڳيءَ ماٺِ کي.

جيستائين جَنگِ آ- تون تيستائين،
مارِ نِياڳيءَ ماٺِ کي.

جي مارينديـن ماٺِ کي- تون مَرٽو ناهين،
مارِ نِياڳيءَ ماٺِ کي.

زاهدَ هَر ڪنهنِ جيءَ ۾- جيئڻ جي چاهين،
مارِ نِياڳيءَ ماٺِ کي.
مارِ نِياڳيءَ ماٺِ کي.

***



جو ڪَمُ جيءُ ڇَوي- سو ڪَمُ سَڀُ ڳجي،
ماتِ ڏِجي هِنَ راتِ کي.

راهُن کي ڏي روشني- چاهتَ کي چِڱجي،
ماتِ ڏِجي هِنَ راتِ کي.

رَنجَ نِهوڙي راج کي- ساڻُ ڪٽي هَلجي،
ماتِ ڏِجي هِنَ راتِ کي.

هَر ظالم کي مارِجي- پوءِ پَلي مَرجي،
ماتِ ڏِجي هِنَ راتِ کي.

رَهٽو آهي تہ ڪاڪِ جو- راٽو ٿي رَهجي،
ماتِ ڏِجي هِنَ راتِ کي.

زاهدَ ساريءَ سِندُّ کي- سَڏِٽو آ سَڏِجي،
ماتِ ڏِجي هِنَ راتِ کي.
ماتِ ڏِجي هِنَ راتِ کي.

***

جيڪو آ پَنهنجو- اُنَ سان ئي پنهنجو،
ســـارو اَنـــدَرُ اوِرجـــي.

هَلڪو ڳجي هينئڙو- چاهي ٿو هَرڪو،
ســـارو اَنـــدَرُ اوِرجـــي.

سَلجي مَنَ جو مامرو- سَڀَ سان ويهي ڇو،
ســـارو اَنـــدَرُ اوِرجـــي.

مُنهنجي اَندَرَ ۾ ويهي، مون سان ٿو هُنَ جو،
ســـارو اَنـــدَرُ اوِرجـــي.

اُنَ کي رَکجي روُحَ ۾- زاهِدَ جَنهِن سان ٿو،
ســـارو اَنـــدَرُ اوِرجـــي.
ســـارو اَنـــدَرُ اوِرجـــي.

❊❊❊



ٽُنهنجي پاڙي ۾ پَيا- ماٺهو بُکَ مَرن،
حَجُ ڪَرين هَر سال ٿو.

مِسڪينن جا ٻارَ ٿا- ماني ماني ڪَن،
حَجُ ڪَرين هَر سال ٿو.

ڪيڏا ڪَنَ ڪِنا اَٿئي- ڪيهون ڪينَ ٻُڌَن،
حَجُ ڪَرين هَر سال ٿو.

موڳا صافُ نَٿو ڪرين- پَنهنجو ميرو مَن،
حَجُ ڪَرين هَر سال ٿو.

تو وَٽِ جام حرامَ جا- ڏوڪڙَ ٿا ڏِسِجَن،
حَجُ ڪَرين هَر سال ٿو.

زاهدَ سانِديِ ساهَ ۾- ڇو نہ رَکيُئي ساجَن،
حَجُ ڪَرين هَر سال ٿو.
حَجُ ڪَرين هَر سال ٿو.

❊❊❊

حَجَ کان اَڳُ جَنِ آ لَڌي۔ لوڪَ سَڄي جي سارَ،
تَن جا حجَ هزارَ ٿِيا.

پَڪا رَکيا روُحَ ۾۔ جَن پيارل جا پيارَ،
تَن جا حجَ هزارَ ٿِيا.

جن سان قرب ڪري ڇڏيا۔ مُحبَ مِٺي منٺار،
تَن جا حجَ هزارَ ٿِيا.

دِل وارَن دِل سان ڪيا۔ دِلبرَ جا ديدارَ،
تَن جا حجَ هزارَ ٿِيا.

سَچا مَنَ جيڪي ڏِٺا۔ سَچَنِ جي سَردارَ،
تَن جا حجَ هزارَ ٿِيا.

سُهڻا هِنَ سَماجَ ۾۔ آندا جَنِ سُڌارَ،
تَن جا حجَ هزارَ ٿِيا.

زاهدَ جَنِ جهوري ڇَڏيا۔ قاتِلَ جا ڪِردارَ،
تَنِ جا حجَ هزارَ ٿِيا.
تنِ جا حجَ هزارَ ٿِيا.

❊❊❊



جا ڪون پَنهنجي جيءَ ۾۔ جاني پاڻَ ڏِٺمُ،
پَڙهَيَمِ نِمازون نِينهنَ جون.

روز۔ نماڻي روُحَ جي۔ رَمزُن مَنجِهه رَهيُم،
پَڙهَيَمِ نِمازون نِينهنَ جون.

ڪُلُ پِرِڪِيُم ڪُلَ سان مِليُم۔ ڪُلَ جو چاهُه چَکِيُم،
پَڙهَيَمِ نِمازون نِينهنَ جون.

پَلُ سَپُ آ پَلُ ساٿُ آ۔ پَلَ سان پيچُ پَيُم،
پَڙهَيَمِ نِمازون نِينهنَ جون.

زاهدَ سَچي ساهَه جي۔ سَجدَن کي سَمجهُم،
پَڙهَيَمِ نِمازون نِينهنَ جون.
پَڙهَيَمِ نِمازون نِينهنَ جون.

❊❊❊

حَـدَ جَـڏهِـن پـاتـا- لاحَـدَ ۾ لـيـئـا،
ڏنگَ ڀَجي لا ڏَنگ ٿـيـاسـيـن.

الف اَندَرَ ۾ اَهڙو ويٺو- بي جي بوءِ نـہ ڪـا،
ڏنگَ ڀَجي لا ڏَنگ ٿـيـاسـيـن.

دل جي دلبر پاڻ پـڙهـايـا- دِل جا سَڀُ دَرجـا،
ڏنگَ ڀَجي لا ڏَنگ ٿـيـاسـيـن.

پاڻَ ئي پَنهنجو پاڻُ مَروڙي- پاڻُ جيئـاريـون ٿـا،
ڏنگَ ڀَجي لا ڏَنگ ٿـيـاسـيـن.

مَنَ ۾ ويٺلَ مَنَ سان زاهدَ- ڪينَ ڪبا ليڪـا،
ڏنگَ ڀَجي لا ڏَنگ ٿـيـاسـيـن.
ڏنگَ ڀَجي لا ڏَنگ ٿـيـاسـيـن.

❊❊❊



سارو جَڳُ سَنوارِڻَ جي لئہ- جيئـن ٿـا جـيـڪـي،
ماٺهو سي مَحِبُوبَ ٿـيـنَ ٿـا.

سُهڻا مـاڻـهـو ڪـوڙَ آهـن پَـر- قُـربُ ڏِيَـن ٿـا ڪـي،
ماڻهو سي مَحِبُوبَ ٿـيـنَ ٿـا.

سَچَن ڪي ٿا سيني لائِن- ڪوڙَن ڪـي ڪُـچـلـي،
ماڻهو سي مَحِبُوبَ ٿـيـنَ ٿـا.

راهُنِ ۾ هو رولين بـيـٺـا- هَـر ڪـنـهـنِ رَهـزَن ڪـي،
ماڻهو سي مَحِبُوبَ ٿـيـنَ ٿـا.

زاهدَ جَنِ جو نانءُ جيـئـي ٿـو- ساري ڌَرتـيءَ تـي،
ماڻهو سي مَحِبُوبَ ٿـيـنَ ٿـا.
ماڻهو سي مَحِبُوبَ ٿـيـنَ ٿـا.

❊❊❊

پل ۾ گندا ذهن سمورا ـ سُلجهي سُهڻا ٿين،
اهڙي شل ڪا هير گُهلي پئي ـ

مور نہ ساري، جڳ ۾ ڏسجي ـ ڪوئي موڳومن،
اهڙي شل ڪا هير گُهلي پئي ـ

جيءُ نہ ڪو جهوراٽا جهاڳي ـ جهومي، هر جيون،
اهڙي شل ڪا هير گُهلي پئي ـ

آزادي هر ديس ۾ هرڪو ـ چاهي ٿو ڪک پن،
اهڙي شل ڪا هير گُهلي پئي ـ

زاهد سارا ساهہ گُهرن ٿا ـ پايَل جي ڇن ڇن،
اهڙي شل ڪا هير گُهلي پئي ـ
اهڙي شل ڪا هير گُهلي پئي ـ

❊❊❊



هيرو ٿي هَلِجانءِ ـ راڙو ٿي رَهِجانءِ،
رَهزَن جا ڪيئي روپَ ٿَئي.

هينئڙو هَر ڪنهِن کي نہ ڏي ـ چاهتَ کي ڇَڪِجانءِ،
رَهزَن جا ڪيئي روپَ ٿَئي.

سَڀَ سان پَنهنجي ساهَ جي ـ سَگهَہ نہ تون سَلِجانءِ،
رَهزَن جا ڪيئي روپَ ٿَئي.

رَستا سَچَ ۽ سُونَهن جا ـ لوچي سَڀُ لَهِجانءِ،
رَهزَن جا ڪيئي روپَ ٿَئي.

زاهدَ ڏاهي ڊوهَہ کي ـ ٺاهُوڪو نَہِجانءِ،
رَهزَن جا ڪيئي روپَ ٿَئي.
رَهزَن جا ڪيئي روپَ ٿَئي.

❊❊❊

سَچيون ڪينَ سُٽَن- ڪوڙيون وِيٺا ڳَن،
جَهِڙا ماڻهون تَهِڙيون ڳالهيون.

ڪي ڳالهائِن ڳُڙُمِنو- ڪي ٿا زَهَرُ ڏِيَن،
جَهِڙا ماڻهون تَهِڙيون ڳالهيون.

ڳَنِ وَتِ لَفظَ ڪَمالَ جا- ڪي ٻيٺا پنئونڪن،
جَهِڙا ماڻهون تَهِڙيون ڳالهيون.

سَچَ ۾ ڪيڏي سَگَهہ آ- ڪانهي ڪَلَ ڪُڏَن،
جَهِڙا ماڻهون تَهِڙيون ڳالهيون.

سِندُ لڄائي آ سَڄي- هَر پاسي لوگهَن،
جَهِڙا ماڻهون تَهِڙيون ڳالهيون.

زاهدَ سَجدَن ۾ ٻہ ٿا- سوچُن مَنجهِہ رَکَن،
جَهِڙا ماڻهون تَهِڙيون ڳالهيون.
جَهِڙا ماڻهون تَهِڙيون ڳالهيون.

❋❋❋



تَصوِيرُن جي رُوپَ ۾- هَر ڪَنهِن اَندَرَ جا،
دَردَ مُصَوِرُ ٿو لِڪي.

هَرِ دُشمَن هَرِ دوستَ جا- هَر ڪنهِن دَلبَرَ جا،
دَردَ مُصَوِرُ ٿو لِڪي.

اُنَ ڪي ڏي ٿو حوصلو- جَنهِن ٻہ مُسافِرَ جا،
دَردَ مُصَوِرُ ٿو لِڪي.

پُڇي هَر پَهاڙَ ڪان- هَر ڪنهِن پَٿَرَ جا،
دَردَ مُصَوِرُ ٿو لِڪي.

ڌَرتيءَ جي سيني مَٿان- ساري ساگَرَ جا،
دَردَ مُصَوِرُ ٿو لِڪي.

مِٽيءَ جي هر ماڳَ ۾- زاهدَ هَر گَهَر جا،
دَردَ مُصَوِرُ ٿو لِڪي.
دَردَ مُصَوِرُ ٿو لِڪي.

❋❋❋

راتِين جون باتيون- تَنهِن ڇاٽوءَ ڄاتِيون،
جيڪو جاڳيو آ پِرين.

آڙَهـ مان اُنَ کي مِليون- ڏاهَپَ جون ڏاتِيون،
جيڪو جاڳيو آ پِرين.

سوئي رَهڻو چَندُ آ- راتِين جون راتِيون،
جيڪو جاڳيو آ پِرين.

پِرِهَـ ڦُٽيءَ جي پيارَ کي- ياڪِيون تَنهِن پاتِيون،
جيڪو جاڳيو آ پِرين.

قاتل اُن جي لئـ رَکيون- مَقتَلَ ۾ ڪاتِيون،
جيڪو جاڳيو آ پِرين.

زاهدَ بَنجَر پونءِ کي- ڏيندو بَرساتِيون،
جيڪو جاڳيو آ پِرين.
جيڪو جاڳيو آ پِرين.

❊❊❊



ڪالهَ ڪَلاچيءَ ڪُنَ ۾- مَڇُ هُيو مَڇِريو،
مانگَرُ مارِيو مورِڙي.

مانجهيءَ پِڇِري ۾ ويهي- پاپيءَ کي پَڪڙيو،
مانگَرُ مارِيو مورِڙي.

هيٺو ماڻهون ڏاڍَ سان- ٿَلَ ڪَٽي ٽَڪِريو،
مانگَرُ مارِيو مورِڙي.

قاتِلَ کي قابُو ڪَري- جانيئڙي جَڪڙيو،
مانگَرُ مارِيو مورِڙي.

زاهِدَ هَرجاني جَڏهِن- گهاتو گهرِ نـ وَرِيو،
مانگَرُ مارِيو مورِڙي.
مانگَرُ مارِيو مورِڙي.

❊❊❊

ٻِــن ۾ ٻَــڌي آ، ٽِــيــون ٽــوڙيــنــدو آ،
سُـهـڻـا سـاٿُ بَـچـائِـجـو،

ٻِـلـو ٻِـن جـي وِچَ ۾، پِــتِ اَڏيــنــدو آ،
سُـهـڻـا سـاٿُ بَـچـائِـجـو،

سَچَ کـي رَکِـجـو سـاهَ ۾، سَـچُ ڳَـنـڍيـنـدو آ،
سُـهـڻـا سـاٿُ بَـچـائِـجـو،

پُـهـچَـڻَ کـان اَڳُ پَـنـڌَ ۾، ٿَـڪُ ٻـ ٿـيـنـدو آ،
سُـهـڻـا سـاٿُ بَـچـائِـجـو،

سَـچـو سـاٿُ سُـڪـونَ جـا، رَسـتـا ڏيـنـدو آ،
سُـهـڻـا سـاٿُ بَـچـائِـجـو،

زاهِـدُ سـاريءَ سِـنـڌُ لـئـ، پـيـو سـوچـيـنـدو آ،
سُـهـڻـا سـاٿُ بَـچـائِـجـو،
سُـهـڻـا سـاٿُ بَـچـائِـجـو،

❊❊❊



پَـنـهِـنـجَـن کـي پَـنـهِـنـجـو، ڏاڍو پـيـارُ ڏِنُـم،
پوءِ ٻـ پَـنـهِـنـجـا ڪـيـنَ ٿِـيـا.

جـيـڏا دَردَ ڏِنـئـون پَـئـي، تـيـڏا قُـربَ ڪَـيـمَ،
پوءِ ٻـ پَـنـهِـنـجـا ڪـيـنَ ٿِـيـا.

هَـرِ پـيـري هَـرِ واٽَ ۾، ٻَـڪَ وِجـهـي وِيـئُـم،
پوءِ ٻـ پَـنـهِـنـجـا ڪـيـنَ ٿِـيـا.

جـايـون جـوڙي جـيءَ ۾، اَنـدَرُ پَـئـي آچـيـمُ،
پوءِ ٻـ پَـنـهِـنـجـا ڪـيـنَ ٿِـيـا.

زاهِـدَ کـان چـوٿـا چِـڃـو، چـاهَـتَ سـاڻُ چَـيُـم،
پوءِ ٻـ پَـنـهِـنـجـا ڪـيـنَ ٿِـيـا.
پوءِ ٻـ پَـنـهِـنـجـا ڪـيـنَ ٿِـيـا.

❊❊❊

دردن کان هر ديس کي، نيٺ کندا آجو
جنهن پل ايڏيءَ جهڙا ايندا.

هر قاتل ٿيندو قتل، قهر نہ رَهندو کو
جنهن پل ايڏيءَ جهڙا ايندا.

اچڻو هر اديب ۾، روح آ رضويءَ جو
جنهن پل ايڏيءَ جهڙا ايندا.

هر کو جيون جرکندو، جُهمريون پائيندو
جنهن پل ايڏيءَ جهڙا ايندا.

زاهد هر کنهن ديس ۾، اَمُن اچي ويندو
جنهن پل ايڏيءَ جهڙا ايندا.
جنهن پل ايڏيءَ جهڙا ايندا.

❊❊❊



بَمَ بارُودُ سَڄو، پَڃي پورَ ڪَيو
اَمُن کَپي اِنسانَ کي.

جَڳَ ۾ ظالِمَ جو نَسُل، زِندَهہ آهي ڇو؟،
اَمُن کَپي اِنسانَ کي.

جَنهِن سان اَمُن جيئارِجي، جَنگِ اُها جوڙيو
اَمُن کَپي اِنسانَ کي.

ساڙي ساريون سَرحَدون، هَڙَئي هِڪُ ٿِيو
اَمُن کَپي اِنسانَ کي.

هَر دِل کي هِڪَ پيارَ جو، هِڪڙو مَذَهَبُ ڏِيو
اَمُن کَپي اِنسانَ کي.

زاهِدَ سُکي زِندگي، گهارِڻَ لئہ گَڏجو
اَمُن کَپي اِنسانَ کي.
اَمُن کَپي اِنسانَ کي.

❊❊❊

زاهد شيخ، نئين ٽهيءَ جي تمام ٿورڙن شاعرن مان هڪ آهي، جنهن جي شاعريءَ تمام ٿوري عرصي ۾ مقبوليت جون منزلون طئه ڪري ورتيون آهن. زاهد وٽ لکڻ جو ڏانءُ به آهي ۽ ماڻهن جي من کي ڇهڻ واري ڏات به....... سندس شاعري، زندگيءَ جي تجربن، تکي مشاهدي، توڙي شعوري پختگيءَ جي عڪاسي ڪري ٿي.

**اياز گل**



زاهد شيخ جون وايون منهنجي لونءَ لونءَ ۾ اِن ڪري رچيل آهن جو جڏهن سندس ڪتاب "گهاون مٿان گُل" جو پهريون ڇاپو سال 1995ع ۾ مارڪيٽ ۾ آيو هو ته اُن وقت آئون اڃا سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ نئون نئون پنڌ ڪرڻ سکي رهيو هئس. اِن ڳالهه جو اعتراف ڪرڻ ۾ ڪو به حرج محسوس نٿو ڪريان ته مون وائيءَ جو ابتدائي گهاڙيٽو ۽ ٺاٺ زاهد شيخ جي هن ڪتاب مان ئي سِکيو هو.

اڄ هي اُن ڪتاب "گهاون مٿان گل" جو هي ٽيون ڇاپو اسانجي هٿن ۾ آهي. زاهد جي واين ۾ هڪ ئي وقت انقلاب، مزاحمت، رومانويت توڙي تصوف جون جهلڪيون پسي سگهجن ٿيون هن جي واين ۾ ظلمتن سان پريل ڪارين راتين سان وڙهڻ ۽ انهن کي شڪست ڏيڻ جو فلسفو به آهي ته موڳيءَ ماٺ کي ٽوڙڻ جو اعلان پڻ آهي. هي پنهنجي ڏات سان اُماس راتين ۾ اُميدن جا ڏيئا جلائيندي نظر اچي ٿو. گگهه اونداهين ۾ روشنيءَ جي لاٽ آهن هن جون وايون لاڪيٽي لطيف، شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ جيان زاهد شيخ جي شاعريءَ جو به هڪ مڪمل سماجي ڪارج موجود آهي. زاهد اسانجي مزاحمتي ۽ رومانوي شاعريءَ جي مورچي جو دودو ۽ دولهه دريا خان آهي. جيڪو پنهنجي سٽ سٽ سان ظالم قوتن جي خلاف وڙهڻ جي سگهه رکي ٿو. ان ڪري اِهو چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته زاهد شيخ جي شاعري سنڌي ادب جي ماٿي جو جهومر آهي. دعا آهي ته اسانجو هي پيارو شاعر ائين ئي لکندو رهي ۽ سنڌي ادب جي جهولي موتين مالها سان پريندو رهي.

**ستار سروهي**

سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙوڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book





گهاوُن مٿان گل: زاهد شيخ www.sindhsalamat.com